



ڪري ان ۾ نصابي انداز، رنگ يا خوشبو جو احساس پڙهندڙ کي ايندو. نصابي تحقيق بنيادي طور محقق جي تحقيقي تربيت لاءِ هوندي آهي، جنهن تحت هو تحقيق ڪرڻ جو انداز، ڍنگ ۽ طريقہ ڪار سکي سگهندو آهي. درحقيقت محقق جو تحقيقي ڪم ان کان پوءِ شروع ٿيندو آهي.
هن ٿيسز ۾ ماهوار سهڻي جي شيخ اياز نمبر (ٻنهي حصن) جي مواد جي اهميت جي اوڪ ڊوڪ مکيہ پنجن بابن ۽ ڪيترن ئي ننڍن عنوانن هيٺ ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ڏاڍي ڏيان سان مواد جي فڪري ۽ ادبي اهميت ۽ لساني خوبين کي واضح ڪندي اياز شناسيءَ ۾ ان جي اهميت کي نهايت علمي ۽ شاندار طريقي/انداز سان واضح ڪيو ويو آهي، ان لاءِ يقينن محقق جس لهڻي.
اياز بابت ڇاپيل سهڻي شيخ اياز نمبرن ۾ فقط اياز جي حق ۾ لکڻيون/مقالا وغير شايع ڪيا ويا هئا، پر جڏهن جيترو اياز جي حق ۾ لکيو پئي ويو، اوترو ئي سندس مخالفت ۾ پڻ لکيو پئي ويو. قربان بگٽيءَ کان وٺندي سيد سردار علي شاهہ ذاڪر تائين اياز مخالف نقطہ نظر بہ موجود آهي، پر سهڻي رسالي جي هنن (شيخ اياز) نمبرن اهڙو ڪو بہ مواد/نقطہ نظر شامل نہ ڪيو. امير علي چانڊيي اياز بابت هنن نمبرن ۾ تفصيل سان لکيو آهي، جنهن ۾ هن اياز جي

**شيخ اياز پنهنجي سماج ۽ ٻوليءَ جو سرواڻ شاعر هو ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ اياز جيترو وڏو شاعر هو، ان کي نقاد بہ ان معيار جا مليا. محمد ابراهيم جويي کان وٺندي رشيد ڀٽي ۽ امير علي چانڊيي کان سراج ميمڻ تائين، رسول بخش پليجي کان وٺندي مولانا غلام محمد گراميءَ تائين، سڀني سندس شعر جي حساسيت ۽ اهميت کان واقف ڪرايو.**

## 2 مارچ: شيخ اياز جو 102 جنم ڏينهن مبارڪ

# شيخ اياز ويهين صديءَ جو سرواڻ سنڌي شاعر

شيخ اياز نہ رڳو 20 هين صدي پر هو 21هين صديءَ جي هِن ٽئين ڏهاڪي تائين بہ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر آهي. اڃا تائين سندس ڪنهن همعصر شاعر جو سندس جُتيءَ ۾ پيرُ ناهي پيو. ڪنهن بہ شاعر سندس شاعريءَ کان وڌيڪ سٺي شاعري ناهي ڪئي، باوجود ان جي جو شيخ اياز جي دور ۾ توڙي هِن وقت بہ ڪافي سٺا شاعر موجود آهن، پر اياز کو ٻيو ڪير بہ نہ ٿيندو. شيخ اياز اڪيلو ئي شاعر آهي، جيڪو پنهنجي توڙي جديد سنڌي ادب جي سڃاڻپ آهي. اڄ سندس هڪ سئو ٻي (102) سالگرهہ آهي، ان موقعي جي مناسبت سان ڪيس ڀيٽا طور ناليواري محقق ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو هيءُ ليک شايع ڪري رهيا آهيون. انچارج



ڊاڪٽر مخمور بخاري

تحقيق، تخليق جو بنياد آهي. ڳولا، ان جو اڀياس، ڪارڻ ۽ اهميت کي واضح/ڇنڊو ڪرڻ جو ڪم محقق ۽ نقاد کي ڪرڻو آهي. تحقيق: ان مان حاصل ٿيل نتيجن جي بنياد تي پنهنجو هڪ رنگ ۽ روپ جوڙي ٿي. جيتري تخليق اهم آهي، اوتري تحقيق اهم آهي، پر اسان وٽ ان حوالي سان معاملو ابتو نظر اچي ٿو. تخليقڪار، تحقيق کي اجائي پرمار وارو ڪو وکر ڄاڻي نظرانداز ڪري ٿو. محقق، تخليقڪار جي رويي تي پنهنجي ڪم کي تخليق کان بهتر سمجهي رهيو آهي.
سنڌي ادب ۾ هڪ ٻيو بہ الميو آهي. اسان وٽ "اديب" موجود آهن، جيڪي ادب جي هر موضوع تي لکي ۽ ڳالهائي رهيا آهن (وٺن پڙهڻ جو رواج ناپيد ٿيندو ٿو وڃي). هو ٻولي، تاريخ، شاعري، جاگرافي، سائنس، تصوف، ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي يعني هر موضوع جا ماهر ٿي پيا آهن. هاڻ جيڪو مسئلو ڪُر ڪنيو بيٺو آهي، اهو آهي معيار جو. هاڻي معيار ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت وڏي؟ پر ان کان اڳ سوال اڀاريون ٿا تہ، معيار جا ماپا ڪهڙا هئڻ گهرجن؟ انهن جو معيار اولهہ، اوپر ۾ لکجندڙ ادب وارو هئڻ گهرجي يا پنهنجو مقامي؟
هر خطي جي موسم جاگرافي، ثقافت ۽ تهذيب پنهنجي آهي. اسان جي اخلاق جا معيار ڪنهن خطي جي اخلاقي معيارن کان جدا هوندا. هر خطي جو فرد پنهنجي مقامي ماحول موجب پنهنجا معيار مقرر ڪري ٿو ۽ انهن تي عمل ڪري ٿو. پوءِ ڇا اسان ٻي خطي جي معيارن ۽ ماحول تي اختلاف ڪريون؟ ادب جو تعلق پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن سان آهي. تخليق ۽ تحقيق کي جيستائين پنهنجي مٽيءَ سان نہ جوڙينداسين/ڳنڍينداسين، ان وقت تائين ان جا نتيجا شايد اسان کي حاصل نہ ٿي سگهن.
شيخ اياز ويهين صديءَ جو اهم شاعر هو. 'اهم' جو مطلب تہ هو پنهنجي سماج ۽ ٻوليءَ جو نمايان شاعر هو. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ هو شاعر هو. شاعرُ: محبت جي جذبن کان گهڻو اڳتي پنهنجي خطي جي ثقافتي تاريخ (Cultural history) جو جيئرو جاڳندڙ محافظ هوندو آهي. تاريخ جي پنن ۾ گم ٿيل، جنگ ۾ مارجي ويلن جي پونئيرن ۽ مائرن، ڀيڻن، ڌيئرن ۽ زالن جي جذبن، احساسن، تڪليفن ۽ اذيتن کي تاريخ جي ڪنڊرن مان بہ ڪوٺي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪندو آهي. ڪيڏو نہ الميو آهي هن ننڍي کنڊ جو، تہ هن جي تاريخي ڪتابن ۾ رڳو رت، فساد، ويڙهہ ۽ اختيار حاصل ڪرڻ لاءِ قتل و غارت ۽ ڦرلٽ ڪرڻ وارن جي مڪروهہ/هاڻيءَ ڏاريندڙ ڇهري جا عڪس موجود آهن. ڇا اها تاريخ آهي؟ شاعر پنهنجي دور جو تاريخدان آهي. هُو انسان جي سينن ۾ پلجندڙ احساسن/جذبن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان وٺندي پنهنجي ٻولي، رسم و رواج، تهذيب ۽ ثقافت جي ڪيترن ئي ٿاڻن کي محفوظ ڪري ٿو.
شيخ اياز بہ شاعر آهي. اياز جو دور سنڌ جي سياسي تاريخ جو بدلجندڙ دور هو. يعني اياز پنهنجي دور ۾ ڪيترائي اهم واقعا ۽ سياسي تبديليون ڏٺيون. ورهاڱي کان وٺندي، مارشل لائن تائين، ون يونٽ کان وٺندي ٻولي جي فسادن تائين، ايم. آر. ڊي ۽ ڪالاباغ ڊيم جي تحريڪ کان وٺندي 30 سيپٽمبر 1988ع واري واقعي ۽ ان کان پوءِ سنڌ ۾ وڌندڙ لساني فسادن تائين سنڌ جي تباهڪاريءَ جو دور شيخ اياز ڏٺو، محسوس ڪيو ۽ ڀوڳيو. هُن انهن حالتن بابت لکيو. هن جي شاعريءَ ۾ رومانس کان انقلاب تائين سڀڪجهہ موجود آهي، بلڪ هن وٽ رومانس بہ مزاحمت جي روپ ۾ ملي ٿو. هُن بي اختيار ٿي لکيو. هُن پاڻ کي ڌرتي ۽ ماڻهن جي تڪليفن ۽ احساسن کان جدا نہ سمجهيو:

جنهن تي بہ ٿيو، جنهن وقت ٿيو، جنهن جاءِ ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.
جنهن وقت بہ ڪو مون گيت چيو، هن ڌرتيءَ جو
ڄڻ ڪوئي قرض چڪو آهي.
(هي گيت اڃايل مورن جا _ ص 128، 1989)

شيخ اياز پنهنجي سماج ۽ ٻوليءَ جو سرواڻ شاعر هو ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ اياز جيترو وڏو شاعر هو، ان کي نقاد بہ ان معيار جا مليا. محمد ابراهيم جويي کان وٺندي رشيد ڀٽي ۽ امير علي چانڊيي کان سراج ميمڻ تائين، رسول بخش پليجي کان وٺندي مولانا غلام محمد گراميءَ تائين، سڀني سندس شعر جي حساسيت ۽ اهميت کان واقف ڪرايو. اياز کي انهن ساٿين کان سواءِ ماهوار روح رهاڻ ۽ ماهوار سهڻي رسالن جهڙا بہ پليٽ فارم مليا، جن دل کولي لڳ ڀڳ هر پرچي ۾ ڪيس ڇاپيو. ماهوار سهڻي تہ "اياز نمبر" شايع ڪري ڪيس همعصر دور ۾ مڃتا ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.
ماهوار سهڻي جو شيخ اياز نمبر ٻن حصن ۾ شايع ٿيو، جنهن اڳتي هلي اياز شناسيءَ ۾ اهم جاءِ والاري. ليکڪا/محقق حميد شبير ڪنڀار "اياز نمبرن جي مواد جي اياز شناسيءَ ۾ اهميت" متعلق ٿيسز لکي آهي، جيڪا هُن ايم فل جي ڊگري لاءِ لکي آهي، تنهن

شعر جي فڪري اهميت کي ڀرپور واضح ڪيو آهي. اتي هو تصوف کي سماج جي اوسر ۾ رڪاوٽ سمجهي ٿو. هو لکي ٿو تہ: "اياز پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي سنڌين ۾ جنگجويانہ ڪردار کي جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪين سلفي، صافي ۽ يڪتاري ڇيڙيءَ جي جاءِ تي بندوق ڪڍي ان جي ٺا ٺا تي رقص ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي." (چانڊيو، امير علي. سُهڻي ش. ا. ن.: 1، 113). هن نقطي تي تفصيلي بحث ڪري سگهجي ٿو. هتي بنهہ مختصر بہ ڳالهيون رکجن ٿيون.
تصوف کي فراريت سمجهڻ ۽ پيش ڪرڻ پويان اُهي لاڙا/رجحان موجود آهن، جيڪي ان کي پنهنجي مقصد/حاصلات لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. سنڌ جو تصوف ڌرتيءَ سان جڙيل آهي، پوءِ ڀل اهو شاهہ عنايت جهوڪ واري جي روپ ۾ هجي يا شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي روپ ۾ هجي. انهن چيو:

سورِهيہ! مَرين سوڀَ ڪي تہ دِل جا وَهِمَ وِسارِ!
هَڻُ ڀالا ڀئہ ڀاڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ!
مَٿي ٽيڪِ تَرارِ، مارِ تہ متارو ٿِيئين.
(شاهہ جو گنج، سر ڪيڏارو، ص 435، 2016)

جي توڃاتو "پاڻ" تہ "آءٌ" ٻيو ڪو آهيان
ڪنڌءِ غرق گمان، ڀُلا انهيءَ ڳالهہ ۾.
(رسالو سچل سرمست، ص 94، 2012)

اياز جي شعر توڙي نثر ۾ پنهنجي اساسي ۽ ڪلاسيڪل ورثي سان ڳانڍاپو موجود آهي. هن ڪٿي بہ ان کان انڪار نہ ڪيو آهي، بلڪ هُن تہ ڪليو ڪلايو اُن کي مڃيو آهي.
مان ئي 'سچل' مان ئي 'سامي' مان ئي آهيان 'شاهہ'
منهنجي من ۾ ڇوليون ماري، سنڌو تنهنجو ساهہ.
امير علي چانڊيي جي نقطہ نظر کان تصوف جي سنڌ ۾ رجحان ۽ اياز جي فڪري اهميت جي پرک ڪئي وڃي تہ ڳالهہ سمجهڻ ۾ ايتري ڪا ڏکي نہ آهي. تصوف متعلق غلطفهمي جو سبب بنيادي طور سنڌ ۾ ثقافتي اڀياس (Cultural study) جو نہ هئڻ آهي. اسان ان طرف خبر نہ آهي ڇو ڌيان نہ ڏئي رهيا آهيون، جنهن سبب اسان جي پرک جا نتيجا اهڙا اڻپورا محسوس ٿين ٿا.
شيخ اياز هن ڌرتي جو وڏو شاعر آهي. هُن جي فڪري جوت جرڪي رهي آهي. هن تحقيق: "سهڻي رسالو ۽ شيخ اياز" ذريعي محقق حميدان شبير ڪنڀار، اياز بابت لکجندڙ مواد جي هڪ بنهہ ننڍڙي حصي جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي، جيڪو قدم/محنت سنڌي ادب خاص طور اياز شناسي جي حوالي سان اهم آهي، تہ ٻئي طرف اياز بابت لکجندڙ ٻئي رهيل مواد جي پرک لاءِ محققن کي اتساهہ ڏئي رهيو آهي.
سنهنجو سمجهہ نہ سٽ کي، نور نچوئي لکُ،
سٽ هڏي مِڪُ، ريلا تنهنجي رت جا. (اياز) ■

# ڇا "ڪلائميٽ چينج پڇاڙان" وارو دور شروع ٿي چڪو آهي؟



امين قريشي

دنيا ۾ مستقل رهندڙ ٻوڏون، سوڪهڙو، ٻيلن کي لڳندڙ باهيون ۽ هر روز وڌندڙ گرمي پد هاڻي رواجي صورت اختيار ڪري ويا آهن. ماهرن جو چوڻ آهي ته، "ڪلائيميٽ چينج (ماحولياتي تبديليءَ) پڇاڙان" وارو دور شروع ٿي چڪو آهي. اسان موسمياتي تبديلين کي ائين ٿا ڏسون ڄڻ هن وقت نه پر، ايندڙ وقت ۾ ڪجهه خراب ٿيڻ وارو آهي، جنهن کي اسان روڪي وٺنداسين.

پر حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي.

اهو سچ آهي ته موسمياتي معاملا خراب ٿي چڪا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ انهن جي سڌاري جو گهٽ امڪان آهي، خاص ڪري ٽرمپ آمريڪا جي صدر بڻجڻ کان پوءِ جيڪي فيصلا ڪيا آهن، انهن کان پوءِ ته "رهيل سهيل نور به ڇٽ ٿيڻ" جا واضح امڪان آهن. ٽرمپ جنهن اقتدار ۾ اچڻ شرط اهو چيو هو ته، .هن کي پنهنجي ملڪ جي معيشت، ان جي واڌ ويجهه ۽ نوجوانن لاءِ روزگار پيارو آهي." (معيشت جيڪا فاسل فيول خاص ڪري ڪوئلي تي به بيٺل آهي)، ان ڪري هن جنوري 2025 ۾، يو اين او کي خط لکي، پئرس ٺاهه مان وٺڊرا (نڪرڻ) جي ڳالهه ڪئي هئي.

> هڪ نئين تحقيق موجب يورپ ۾ هن صديءَ جي خاتمي تائين مرڻ وارن ۾ 50 سيڪڙو اضافو ٿيندو، جن جي مرڻ جو سبب گرمي پد ۾ واڌ هوندي. ايندڙ وقت ۾ يورپ ۾ 80 هزار ماڻهو ساليانو رڳو وڌندر گرميءَ سبب مرندا. آآمريڪا جنوري 2025 ۾ ٺي انرجي ايمرجنسي قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ هن تيل ڪمپنين کي کوٽائيءَ جي مڪمل آزادي ڏئي ڇڏي آهي (چون ٿا ته ٽرمپ جي مهم تي تيل ڪمپنن 75 ملن ڊالر ڊونيٽ ڪيا هئا).

آمريڪا، چين کان پوءِ دنيا جو ٻيو نمبر وڏو گرين هائوس گيسن جو خارج ڪندڙ ملڪ آهي. ڪلائيميٽ چينج جي خلاف ڪڄندڙ قدمن مان آمريڪا رسمي طور آجو ٿي چڪو آهي، جيتوڻيڪ انهن ٺاهه مان نڪرندي نڪرندي هن کي سال لڳي ويندو. پئرس ايگريمنٽ مان نڪرڻ کان پوءِ هو ايران، لبيا ۽ يمن سان گڏ بيهندو. ٽرمپ جو اهو بيان به حيرت جوڳو هو، جنهن ۾ هن چيو ته، "آمريڪا نه چاهيندو ته ان جي اڪانامي متاثر ٿئي، جڏهن ته چين کي وري مڪمل آزادي مليل هجي ته جيڪو وٽيس اهو ڪري." يا ٽرمپ جو اهو چوڻ رهيو آهي ته، "ڪلائيميٽ چينج هڪ ٺڳي ٺاهه آهي." آمريڪا نه صرف اهم موسمياتي ويبسائيٽس ختم ڪري ڇڏيون آهن، پر هنن جي يو اين ايف سي سي جي اجلاسن(جهڙوڪ آءِ پي سي سي) ۾ شرڪت به گهٽائي ڇڏي آهي.

آمريڪا جنوري 2025 ۾ ٺي انرجي ايمرجنسي قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ هن تيل ڪمپنين کي کوٽائيءَ جي مڪمل آزادي ڏئي ڇڏي آهي (چون ٿا ته ٽرمپ جي مهم تي تيل ڪمپنن 75 ملن ڊالر ڊونيٽ ڪيا هئا). جيتوڻيڪ هن ٺي ملڪ جي مختلف رياستن ۾، پي دي پاليوٽر ڪيس فائيل ٿي رهيا آهن ۽ چيو وڃي ٿو ته تيل جي صنعتن کان سپر فنڊ ورتو وڃي، پر انهن ڳالهين تي شايد ٺي ڪو عمل ٿي سگهي. ساڳئي وقت آمريڪا ۾ اهو بحث به هلي پيو آهي ته تيل جي صنعت ۽ باقي صنعتن وچ ۾ فرق ٿيڻ گهرجي. تيل جي کوٽائي ڪندڙ صنعت ٺي وڌيڪ ذميوار هئڻ گهرجي. انهن معاملن کان پاڻ هٽي موجوده موسمياتي تبديليءَ جو جائزو ٿا وٺون، جيڪا سموري دنيا کي منجهايو بيٺي آهي.

هن وقت اسان دنيا جي امير ترين ملڪ جي امير شهر لاس اينجلس ۾ باهين سبب اربين ڪربين ملڪيتون خاڪ ٿيندي ڏٺيون آهن. جيئن گولي، پنهنجي ۽ پرائي جي سڃاڻپ ناهي رکندي، ايئن ٺي ڪلائيميٽ چينج جي اڳيان به، ڇا امير، ڇا غريب، ڪا به تفريق ناهي هوندي. اهو ٺي سبب آهي جو سڀ پريشان آهن، پر زراعت سان تعلق رکندڙ ماڻهو وڌيڪ پريشان آهن ۽ غريب ۽ ڏهاڙيءَ تي ڪمائيندڙ وڌيڪ نپوڙيل آهن. هڪ نئين تحقيق موجب يورپ ۾ هن صديءَ جي خاتمي تائين مرڻ وارن ۾ 50 سيڪڙو اضافو ٿيندو، جن جي مرڻ جو سبب گرمي پد ۾ واڌ هوندي. ايندڙ وقت ۾ يورپ ۾ 80 هزار ماڻهو ساليانو رڳو وڌندر گرميءَ سبب مرندا.




ڪارٽون گوگل تان ورتل

ڪوپرنيڪس اداري موجب جنوري 2025 ۾ عالمي سرفيس ايئر ٽيمريچر 13.23 ڊگري سينٽي گريڊ رهيو، جيڪو 1991 کان 2020 يعني 3 0 سالن جي ڀيٽ ۾، 0.79 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيڪ هئو، جڏهن ته صنعتي انقلاب جي ڀيٽ ۾ اها واڌ 1.75 ڊگري سينٽي گريڊ هئي. گذريل سموري سال ۾ گرمي پد ۾، صنعتي انقلاب کان اڳ واري گرمي پد واري واڌ جي ڀيٽ ۾ 1.61 ڊگريون واڌ نوٽ ٿي آهي.

ڇا سمنڊ ، ڇا خشڪ علائقا، نارٿ پول هجي يا سائوٿ پول، ڌرتيءَ جو اترين اڌ هجي يا ڏکڻين، اتي گرمي پد ۾ واڌ سيني جو ساهه منجهايو بيٺي آهي. ڪٿي ڪٿي گرمي پد ۾ واڌ پنج ڊگرين تائين ٿي آهي.




گوگل تان ورتل

ڪوپرنيڪس اداري جي بقول ته، گذريل 40 سال جي ڀيٽ ۾ گذريل سال يعني 2024 ۾ هر مهيني جو گرمي جو درجو باقي سمورن رڪارڊن کي ٽوڙيندو اڳتي وڌيو. گهٽ ۾ گهٽ دنيا جي 65 سيڪڙو خطي سان اها صورتحال رهي. اها ٺي اصل پريشان ڪندڙ ڳالهه آهي جو وڌندڙ گرمي پد جي ڪا به ممڪن روڪ نظر نٿي اچي. ■



شيخ اياز جي ٽائٽل تي ڏنل تصوير: فوٽوگرافي: خدا بخش ابڙو

# دنيا ۾ وڏي ڳڻتي پيدا ڪندڙ مصنوعي ذهانت، جيڪا انساني ضابطي مان ٻاهر نڪري سگهي ٿي




مصطفيٰ نانگراج

مصنوعي ذهانت (AI) جي تيزيءَ سان ترقيءَ سبب اسان جو ٻوليءَ ۽ ادب ڏانهن روايتي، غيرسائنسي ۽ غيرسنجيده رويو گهڻو عرصو هلي نہ سگهندو. ايندڙ دور ۾ نوان، تيز رفتار ۽ جديد طريقا متعارف ٿيندا، جيڪي روايتن سان واڳيل ماڻهن لاءِ چئلينج بڻجي سگهن ٿا. امڪان آهي تہ انسان ڪان وڌيڪ اثرائتو ادب مصنوعي ذهانت خود تخليق ڪري سگهندي. مثال طور روايتي يا مروج شاعريءَ ۾ بحروزن، قافين ۽ رديفن جو استعمال اهميت رکي ٿو، ۽ اڳيان هلي مصنوعي ذهانت پنهنجي وسيع ڊيٽا جي بنياد تي فوري طور تي انهن قاعدن کي سمجهندي، انهن کي لاڳو ڪندي، ڪنهن بہ گهربل موضوع تي بهترين شاعري تخليق ڪري سگهندي، ڇاڪاڻ تہ ان وٽ فن جي گهاڙيٽن جي مڪمل ڄاڻ هئڻ سان گڏ قافين ۽ رديفن وغيره جو ايترو ذخيرو هوندو جو هڪدم هو شعر لکي وٺندي ۽ ان سان گڏ انساني احساسن ۽ جذبن سميت سمورن موضوعن جو بہ ان وٽ تمام گهڻو ذخيرو هوندو، جتان هو انهن کي کڻي بهتر شاعري ڪري سگهندي. اهو صرف شاعريءَ تائين بہ محدود نہ هوندو بلڪ مصنوعي ذهانت ٻين اظهار جي وسيلن جهڙوڪ: ڪهاڻين، ناولن ، مضمونن ۽ مقالن وغيره تي پڻ طبع آزمائي ڪري سگهندي.

جيتوڻيڪ باقي دنيا وٽ مصنوعي ذهانت جي فائديمند ۽ نقصانڪار هئڻ وارن پهلوئن تي ڳالهائڻ لاءِ ٻيا موضوع وڌيڪ اهم آهن، ڇاڪاڻ جو هي هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي جيفري هنٽن (Geoffrey Hinton)، جنهن کي ڊيپ لرننگ جي باني‌ڪارن مان سمجهيو وڃي ٿو، ۽ ڪيس 2024 جو نوبل انعام پڻ مليو، تنهن کي پڻ هن نئين مصنوعي ذهانت جي جڙندڙ جهان جي خطرن جي گهڻي ڳڻتي آهي، جن جو اظهار ڪندي هن خبردار ڪيو آهي تہ، مصنوعي ذهانت انساني ذهانت ڪان وڌيڪ ترقي يافتہ ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي طريقي سان ڪم ڪري سگهي ٿي، جيڪو اڻ وڻندڙ يا انساني مفادن جي خلاف بہ ٿي


**جيفري هنٽن (Geoffrey Hinton)، جنهن کي ڊيپ لرننگ جي باني‌ڪارن مان سمجهيو وڃي ٿو، ۽ ڪيس 2024 جو نوبل انعام پڻ مليو ، تنهن کي پڻ هن نئين مصنوعي ذهانت جي جڙندڙ جهان جي خطرن جي گهڻي ڳڻتي آهي، جن جو اظهار ڪندي هن خبردار ڪيو آهي تہ، مصنوعي ذهانت انساني ذهانت ڪان وڌيڪ ترقي يافتہ ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي طريقي سان ڪم ڪري سگهي ٿي، جيڪو اڻ وڻندڙ يا انساني مفادن جي خلاف بہ ٿي سگهي ٿو. سندس چوڻ موجب هي خطرو وجودي خطري (Existential Risk) جي درجي ۾ اچي ٿو، يعني اهي خطرا، جيڪي انساني تهذيب کي بنيادي طور تي تبديل يا تباهہ ڪري سگهن ٿا.**



مصنوعي ذهانت جو ابو سڏجندڙ جيفري هِنٽن

سگهي ٿو. سندس چوڻ موجب هي خطرو وجودي خطري (Existential Risk) جي درجي ۾ اچي ٿو، يعني اهي خطرا، جيڪي انساني تهذيب کي بنيادي طور تي تبديل يا تباهہ ڪري سگهن ٿا.

جيفري هنٽن جو خيال آهي تہ جيئن جيئن مصنوعي ذهانت وارو نظام وڌيڪ طاقتور ٿيندو ويندو، تيئن ان ۾ اوچتيون صلاحيتون (Emergent Capabilities) پيدا ٿي سگهن ٿيون، يعني اهڙيون مهارتون ۽ رويا جيڪي اڳ ۾ پروگرام نہ ڪيا ويا هوندا. جيڪڏهن مصنوعي ذهانت مصنوعي عام ذهانت (Artificial General Intelligence _ AGI) جي سطح تي پهچي ٿي، تہ اها پاڻمرادو فيصلا ڪرڻ لڳي سگهي ٿي، جيڪي انساني مقصدن سان هم آهنگ نہ هوندا ۽ انسان جو وجود خطري



۾ پئجي سگهي ٿو. اچو تہ انهن وجودي خطري وارن اهم پهلوئن کي جاچيون:

**انساني ڪنٽرول وڃائڻ جو خطرو:**

اڳتي هلي مصنوعي ذهانت (AI) خود کي بهتر بڻائي ۽ پنهنجي ڪوڊ ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿي، جنهن جو انساني مداخلت يعني ضابطي ڪان ٻاهر نڪرڻ جو بہ امڪان موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن مصنوعي ذهانت جا مقصد انساني مفادن جي مخالف ٿي وڃن ٿا، تہ انهن کي روڪڻ يا ضابطي ۾ آڻڻ ناممڪن ٿي سگهي ٿو.

**خودمختيار فيصلا (Autonomous Decision_Making) :**

ان ڪان علاوه امڪان اهو بہ آهي تہ مصنوعي ذهانت اڳواٽ اهڙا خودمخيار فيصلا ڪري سگهي ٿي، جيڪي انساني عقل ڪان ٻاهر هجن. جيڪڏهن مصنوعي ذهانت کي فوجي، مالياتي، يا صحت جي نظامن تي ڪنٽرول حاصل ٿي وڃي ٿو ، تہ ان جي غلط فيصلي جا نتيجا انساني سماج کي **تباهہ ڪندڙ** ٿي سگهن ٿا.

**مصنوعي ذهانت جو پنهنجي بقا لاءِ ڪم ڪرڻ:**

مصنوعي ذهانت جيڪڏهن هڪ خاص سطح تي پهچي وڃي ٿي (جنهن جو قوي امڪان آهي) تہ پوءِ اها پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ قدم کڻي سگهي ٿي، بلڪل ائين جيئن جيئري مخلوق يعني انسان ذات ڪري ٿي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن انسان مصنوعي ذهانت کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، تہ هوءَ ماڻهن کي چالاڪيءَ سان ڏوکو ڏئي، ڊيٽا کي ڪنٽرول ڪري، يا انٽرنيٽ تي حملو ڪري پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي.

**مصنوعي ذهانت جو انتهاپسند قدم کڻڻ جو امڪان :**

جيڪڏهن مصنوعي ذهانت کي وڌيڪ ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ لاءِ پروگرام ڪيو ويو، تہ هوءَ غير متوقع، نقصانڪار طريقا اختيار ڪري سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ نڪ بوستروم هڪ سويڊش فلسفي جو هڪ مشهور مثال "پيپر ڪلپ ميڪسمائزر" آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن AI کي پيپر ڪلپ ٺاهڻ لاءِ پروگرام ڪيو وڃي، تہ هوءَ سڀئي انساني وسيلا ختم ڪري، ڌرتي جا قدرتي ذخيرا ختم ڪري، ۽ انسانن کي ئي ختم ڪري سگهي ٿو.

جيفري هنٽن 2023 ۾ گوگل ڇڏڻ ڪان پوءِ مصنوعي ذهانت بابت پنهنجا خدشا ک□لي بيان ڪرڻ لڳو. هن چيو تہ هو اڳي سمجهندو هو تہ مصنوعي ذهانت جي خطرناڪ سطح تائين پهچڻ ۾ 30_50 سال لڳندا، پر هاڻ اهو خطرو تمام ويجهو نظر اچي رهيو آهي. هن هڪ انٽرويو ۾ چيو: "ڪجهہ ماڻهن کي يقين هو تہ AI انسان ڪان وڌيڪ ذهين ٿي سگهي ٿي، پر گهڻا ماڻهو سمجهندا هئا تہ اها تمام پري آهي. **مان بہ ائين سمجهندو هيس، پر** هاڻي مون پنهنجو خيال تبديل ڪري ڇڏيو آهي." جيفري هنٽن حڪومتن ۽ ٽيڪنيڪل ماهرن تي مصنوعي ذهانت جي تيزيءَ سان ترقيءَ کي گهٽائڻ ۽ سخت حفاظتي ضابطا لاڳو ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو. سندس خيال موجب، مصنوعي ذهانت جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ، ماهرن ۽ پاليسي سازن طرفان ضروري قدم کڻڻ



نڪ بوسٽروم

گهرجن، جن ۾ مصنوعي ذهانت جي اخلاقيات ۽ حفاظت تي تحقيق، مصنوعي ذهانت جي مقصدن کي انساني قدرن سان هم آهنگ رکڻ، حڪومتي قانون ۽ ضابطا مصنوعي ذهانت تي عالمي ڪنٽرول لاءِ ضابطا جوڙڻ، مصنوعي ذهانت لاءِ ايمرجنسي شٽ ڊائون سسٽم جوڙڻ ۽ مصنوعي ذهانت جي ترقيءَ وارين ڪمپنين کي سيڪيورٽي ۽ اخلاقي قدرن کي مقابلي کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ تي مجبور ڪرڻ شامل آهي.

جيفري هنٽن خبرداري ظاهر ڪري ٿو ته مصنوعي ذهانت هڪ ٻه ڌاري تلوار آهي: هڪ پاسي ان ۾ سماج کي ترقي ڏيڻ جي صلاحيت آهي، ته ٻئي طرف، جيڪڏهن مناسب حفاظتي تدبيرون نه ورتيون ويون، ته مصنوعي ذهانت اڻ وڻندڙ ۽ ناقابل واپسي نتيجا پيدا ڪري سگهي ٿو.

مصنوعي ذهانت جي دنيا ۾ جيفري هنٽن سان گڏ هڪ ٻي وڏي شخصيت نڪ بوسٽروم (Nick Bostrom)آهي . نڪ بوسٽروم هڪ سويڊش فلسفي آهي، جيڪو مصنوعي ذهانت (AI) جي اخلاقيات، انساني مستقبل ۽ وجودي خطري تي پنهنجي ڪم لاءِ مشهور آهي. هو 1973ع ۾ پيدا ٿيو ۽ هن آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ فيوچر آف هيومينيٽي انسٽيٽيوٽ (FHI) جو بنياد رکيو. هن پنهنجي ڪتاب ”سُپرمينٽيليجنس – (2014) “ ۾ وضاحت ڪئي آهي ته جيڪڏهن مصنوعي ذهانت انساني ذهانت کان وڌي وڃي، ته ان جا ڪيئن خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا، جنهن جو هن هڪڙو هي مثال پيپرڪِلپ ميڪسمائيزر جي تصور جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو هڪ فڪري تجربو (Thought Experiment) ٻڌائي ٿو ته، جيڪڏهن مصنوعي ذهانت جو مقصد غلط طريقي سان ترتيب ڏنو وڃي، ته اهو تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هن جي تحقيق انساني وجودي خطري تي مشتمل آهي. هن انهن خطرن تي ڪم ڪيو آهي، جيڪي انساني تباهيءَ جو سبب بڻجي سگهن ٿا، جهڙوڪ مصنوعي ذهانت، حياتياتي هٿيار، ۽ جوهري جنگ.

بوسٽروم مصنوعي ذهانت کان انساني وجود جي حفاظت بابت اهم آواز آهي، جنهن جي تحقيق ايلون مسڪ، اوپن AI ۽ پاليسي ٺاهيندڙن کي متاثر ڪيو آهي. نڪ بوسٽروم جي تحقيق ۽ خيالن مصنوعي ذهانت (AI) جي حفاظت، مستقبل جي منصوبابندي، ۽ پاليسي ٺاهڻ تي وڏو اثر ڇڏيو آهي. سندس ڪم ڪيترن ئي مشهور سائنسدانن، ٽيڪنالاجي جي ماهرن، ۽ عالمي اڳواڻن تي اثرانداز ٿيو آهي. ايلون مسڪ – (Elon Musk) بوسٽروم جي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ مصنوعي ذهانت جي خطري بابت خبردار ڪرڻ شروع ڪيو. بِل گيٽس (Bill Gates) بوسٽروم جي تحقيق سان متفق آهي ته، جيڪڏهن مصنوعي ذهانت صحيح طريقي سان ترتيب نه ڏني وئي، ته اها انسانيت لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي.


**سام آلٽمين** (Sam Altman) ۽ اوپن– AI جو بنياد مصنوعي ذهانت کي محفوظ بڻائڻ لاءِ وڌايو ويو، جيڪو بوسٽروم جي نظرين سان لاڳاپيل آهي. آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين بوسٽروم جي تحقيق جي بنياد تي مصنوعي ذهانت **بابت حفاظتي تحقيقي مرڪز** (Safety Research Centers) قائم ڪيا آهن. يورپي يونين ۽ آمريڪا پنهنجا نظريا مصنوعي ذهانت جي ضابطن (Regulations) ۽ اخلاقي قاعدن کي ترتيب ڏيڻ ۾ استعمال ڪري رهيا آهن. نڪ بوسٽروم جي خيالن ٽيڪنيڪل ڪمپنين، حڪومتن، ۽ عالمي ادارن تي اثر ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مصنوعي ذهانت کي محفوظ ۽ انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جون پاليسيون ٺاهيون پيون وڃن.

مصنوعي ذهانت تي جديد تحقيق تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿيندي رهي ٿي. 2023 کان پوءِ، Open AI ۽ Google DeepMind ۾ نوان فيصلا، يورپي يونين ۽ آمريڪا ۾ مصنوعي ذهانت جي قانون سازي، ۽ نئين ايمرجنٽ قابليتن بابت تحقيق تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي. مثال طور، Open AI جي ترقي يافته ماڊلز، EU AI Act، ۽ Google DeepMind جي AI سيفٽي قدمن تي تازو پيش رفت ٿي رهي آهي.

تي مون مصنوعي ذهانت جو ٿورو بنيادي خاڪو پيش ڪندي پڙهندڙن، ليکڪن اديبن، دانشورن، ٻولي جي ماهرن ۽ ٻين سمورن لاڳاپيل سنڌي ماڻهن لاءِ اهو سوال اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جتي هيءَ نئين ٽيڪنالوجيءَ جي دنيا انسان ۽ انساني سماج جي وجود برقرار رکڻ جو سوال کڻي آئي آهي، اتي اسان جي تياري ڪيتري آهي؟ اسان اڃا تائين ان شعبي کي روايتي انداز ۾ ڏسي رهيا آهيون، جڏهن ته ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ عبدالماجد ڀرڳڙي جهڙن ماهرن جو ذڪر به يا ته نٿا ڪريون يا ته بلڪل مجبوريءَ ۾ ڪريون ٿا، جن 2001ع تائين مائڪروسافٽ سان گڏجي فارسي_عربي سنڌي اسڪرپٽ لاءِ يونيڪوڊ بيسڊ سافٽويئر تيار ڪيو هو. انهيءَ سبب سنڌي زبان ڊجيٽل دنيا جو حصو بڻجي سگهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ادبي ۽ ٻوليءَ بابت ڪوتايل پروگرامن ۾ انهن ماڻهن کي اهميت نٿا ڏيون، ته پوءِ مصنوعي ذهانت جهڙن وڏين چئلينجز کي منهن ڪيئن ڏينداسين ۽ فائدو ڪيئن حاصل ڪنداسين؟

ٽيڻ ائين ڪپي ته سنڌ جا ماڻهو فوري طور تي ٻولي، ادب ۽ مصنوعي ذهانت جي ماهرن تي مشتمل هڪڙو عالمي سطح جو ادارو جوڙيين، جيڪو تڪڙي بنيادي تي پنهنجين تجويزن جي بنياد تي حڪمت عملي ڏئي، جنهن تي يونيورسٽين جي شاگردن ، استادن ۽ ماهرن جي ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪري ٻوليءَ ۽ ادب کي گهٽ ۾ گهٽ مصنوعي ذهانت سان مڪمل طور ڳنڍي سگهي. هتي وري اهو سوال پيدا ٿي س گهي ٿو ته جڏهن مصنوعي ذهانت خود خطرو آهي، ته پوءِ ان سان ڳنڍجڻ لاءِ اهو ڪم ڇو ڪجي ؟ ..... ته ان جي آسان وضاحت اها آهي ته ترقي يافته دنيا ان خطري جو حل ڳولڻ ۾ مصروف آهي، جنهن جو حل به يقيناً ملي ويندو پر ان نئين حل ۾ اهي ٻوليون ۽ ادب بچي سگهندا، جن جو بنيادي ڪم ٿيل هوندو ۽ ڊجيٽل دنيا سان اڳوات جڙيل هوندا. ■

# غـزل



سـمـجـهـاءِ خـوابَ راڻي! پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي
ڪـيـئـن مان لـڪـان ڪـهـاڻـي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

واريءَ جـيـان اجـايـل مـونـکـي مـلـي هـمـيـشـه
هـڪـڙي هـئـي مـهـاڻـي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

هـو سـرخ رنـگ هـن جـو جـيـئـن شـام جـي ڪـا لالـي
هـن ڏي مـون دل امـاڻـي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

هـن بـاهـ جـي شـهـر ۾ مـعـصـوم مـاءُ مـنـهـنـجـي
هـئـي سـانـوري سـيـاڻـي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

بـرسـيـو ڪـڏهـن نـه بـادل صـحـرا جـي هـن بـدن تـي
تـه بـه اس پـئـي اڏاڻـي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

سـيـاري جـي سـانـجـهـه پـائـي ٻـرنـدي ٿـڌي هـوا سـان
ڪـيـئـن هـيءَ وهـي اجـهـاڻـي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

جـنـسـار جـي جـوانـي سـاڙي ڇـڏي ڪـکـن جـيـئـن
افـسـوس جـر نـه ڇـاڻـِي پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي

گـذري وئـي اکـيـن جـي آڏو وسـيـم جـهـڙ تـي
سـمـجـهـي سـگـهـيـو نـه پـاڻـي، پـاڻـيءَ جـي رنـگ جـهـڙي.

■

# سنڌ جي نوجوانن کي نئين دور جي لهر کي سمجهڻو پوندو

اسان جي نوجوانن کي ان سوچ مان جان ڇڏائڻي آهي ته، ”ماڻهو ڇا چوندا، دوست ڇا چوندا، ڳوٺ وارا ۽ شهر وارا ڇا سوچيندا؟“ ڪو به ڪجهه ڪونه ٿو سوچي اوهان جي باري ۾. ماڻهن وٽ اوهان لاءِ وقت ئي ڪونهي. اوهان اٿي پئو ۽ پنهنجا پيرجهلا پاڻ ٿيو. پنهنجا ڏِڳ پاڻ ٺاهيو. سڀ ڪجهه ممڪن آهي. توهان اڄ ئي فيصلو ڪيو. آن لائين ڪاروبار، ننڍو وڏو دڪان، ڪو ڪاڏي پيتي جو شاپ، ڪو ڊيري شاپ، ڪو اسٽيشنري جو دڪان، ڪجهه به ڪوليو. پڪي سرڪاري نوڪريءَ جو آسرو لاهي ڇڏيو. حالتون توهان جي سامهون آهن. پنهنجين سوچن ۾ آٽيو. ضرور ريڊيو، ٽي وي، بجلي ۽ ڳوڻاٽي زندگي؛ اهي سڀ پنهنجي پنهنجي دور جون خوبصورت شيون هيون، پر اڄ جي دور جي سچائي Chat GPT آهي.



شوڪت لوهار




ڇا اسان ڪڏهن ان تي سوچيو آهي ته، جيڪي شيون اڄ کان ڏهاڪو يا ويهارو سال پهرين هيون، هينئر اهي اوچتو ڪيئن غائب ٿي ويون ۽ ڪيڏانهن غائب ٿي ويون؟ ڇا اسان کي اهي سوال حيرت ۾ نٿا وجهن ته هيءَ دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. ڄاڻ جي ٻوڏ اچا به چئجي ته مها ٻوڏ (Flood of Information) آهي جو انهن شين بابت غور و فڪر ڪرڻ اچا شروع ئي مس ڪيون ٿا ته مٿان وري نئين معلومات جي چپ اچي ڪري ٿي. هيءَ هيڏي ساري ڊيٽا ڪٿان اچي ٿي؟ هي هڪ تسلسل آهي ماڻهو جي مسلسل جدوجهد جو. زندگي بچائڻ واريون دوائون ايجاد ڪيون ويون، جيئن انساني جياپي جي جنگ ۾ سگهو ٿي وڙهي سگهجي.

جيڪڏهن ٿلهي ليکي انساني دورن کي ورهائجي ته اهي ٿيندا. برف جو دور، پٿر جو دور، جديد پٿر جو دور، لوهه جو دور، ٽامي ۽ پتل جو دور، زراعت جو دور/دريائن جو دور، صنعتي دور، ڪمپيوٽر جو دور، ٽيڪنالاجي جو دور، جديد ٽيڪنالاجي يا روبوٽڪ دور ۽ هينئر انسان پڇاڙا دور. اهي سڀ منزلون طئي ڪري، هي ماڻهو، جنهن کي هوموسيپيئنس (Homosapience) چون ٿا. نيدرٿال کي شڪست ڏيئي ايڪيهين صدي تائين پهتو آهي. اچا الائي ڪيترين ڪائناتون رهگذر ۾ آهن، اچا اڳتي الائي ڇا ٿيڻو آهي، الائي ڪهڙا ڪهڙا علم پيدا ٿيڻا آهن. پر اسين صرف ڪجهه سالن لاءِ ئي پنهنجين يادگيرين ۾ ٽٻي هڻي ڏسون ٿا ته، پري پري تائين بجلي جو ڪو نالو نشان نظر نٿو اچي. ان کان ماڻهوءَ جي زندگي گهڻي ڀاڱي فطرتي پاڪرن ۾ گذرندي هئي. انٽرنيٽ وغيره ته هڪ خواب لڳن ٿا. اها به هائپر حقيقت ته انسانن مان ماڻهپو ڪونه ڦريو هو. ماڻهو هڪ ٻئي جي لاءِ تانگهه ۽ سِڪ ۾ گذاريندا هئا. ڪانگ اڏائڻ ۽ ڪبوترن وسيلي پيغام پهچائڻ، ڪهڙيون نه دلفريب ۽ دلربا ڳالهيون لڳن ٿيون. اڄ جي دور جي پيڙهي ته ان تي اعتبار به ڪونه ڪندي. ريڊيو تي بي بي سي ٻڌڻ، رضا علي عابدي ۽ ماهه پاره صفدر جون خبرون پڙهڻ، شفيع نقي جامي جو سيربين، ريڊيو تهران، زاهدان: ڇا ته ڏينهن هئا!! رانديون به عجب هيون: بلور، چدا ڪيڏڻ، واهه جي پاٽين ۾ ترڪڻ ۽ ڪرڪيٽ جي ڪِد، سڄو سڄو ڏينهن اُس ۾ سڙڻ؛ هڪ عجيب پرڪيف جيون هو، جيڪو خبر ناهي ڪڏهن ۽ ڪيئن اچي جديد ورچوئل جي ٿوهرن ۾ ڦاٿو آهي ۽ ڦاسڻ کان پوءِ هترادو شهري زندگي هٽي ماڻهوءَ جا ڪم ئي لاهي ڇڏيا آهي.

ترقيءَ جي خلاف ڪو به ڪونهي، پر اهڙي ترقي ڪهڙي ڪم جي جيڪا ماڻهوءَ مان ماڻهپو ئي ڦري وٺي، جيڪا ماڻهو مان احساس ۽ نفاست ڪسي ڪيس جانور بڻائي ڇڏي. اسين سڀ مهذب وحشي ٿي ته آهيون. ياد آهي ته ٽيليويزن آئي هئي ته ڪيئن ان جا هوڪا/ ائڊوائرٽائيزمينٽ به ڏسڻ ڪونه وساريندا هئاسين، خاص طور ناز پان مصالحا. ڊينٽونڪ ۽ ٻيا انيڪ سنڌي ڊراما، ناٽڪ رنگ، هڪ ڪلاڪ جي نشريات، پر چوويهه ڪلاڪن تي حاوي هوندي هئي. ان وقت ڇا ته ڊراما هئا، ڇا ته اداڪاري هئي ۽ ڇا ته انهن ٻولي هئي! اهو سڀڪجهه هينئر هڪ خواب لڳي ٿو.

ڳوٺ ۾ هڪ استاد ئي وڏي نوڪري وارو سمجهيو ويندو هو ۽ خانبهادر اسسٽنٽ ڪمشنر ته پاڻ ڏنا به ڪونه هئا. خبر ئي ڪونه هئي ته ڪو اهڙا امتحان به آهن، جيڪي پاس ڪري ماڻهو ايڏين خوابيده نوڪرين/عهدن تي براجمان ٿي ويندا آهن. رئيسن ۽ وڏيرن جي گاڏين ۽ انهن جو صحتمند قد ڪاٺ هڪ آئيڊلزم هوندو هو. پڙهڻ دوران سمورو ڌيان خوبصورت اکرن تي هوندو هئو. ۽ ”گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون“ سڀئي اسڪول ۾ گڏجي ڳائيندا هئاسين.

پوءِ دور مَٽيا. ”وقت ۽ وير ڪنهن جي محتاج ڪونه ٿي ٿئي.“ مقابلي جي امتحانن جي به ڏاڍي دير سان خبر پئي. ايڏي آبادي به ڪونه هئي. ايڏو سخت مقابلو به ڪونه هوندو هو. ٻيو ته نوڪريون به ملي وينديون هيون. ههڙو ڪشمڪش وارو دور نه هو. جو اڄ بڪ واڪا پيئي ڪري. نوجوان يونيورسٽين مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري نڪرن ٿا ۽ پوءِ بيروزگاريءَ جي بُنيءَ ۾ سڙي رهيا آهن. اها جُٽ اڳ ڪٿي هئي.


اڄوڪي تبديل ٿيل دور ۾ اسان جي، خاص طور نوجوان کي اڳتي اچڻو پوندو ۽ پنهنجي سوچ تبديل ڪرڻي پوندي. يعني اسين سڀ جا سڀ سرڪاري نوڪريءَ جي آسري تي ڪيستائين پنهنجيون زندگيون تباهه ڪندا رهنداسين. اسان جو نوجوان مايوسين جي اونداهين ۾ لهندو وڃي ٿو. مون ٻين صوبن سان گڏ پنهنجيءَ سنڌ ۾ غير سنڌين کي ننڍا وڏا ڪاروبار ڪندي ڏٺو آهي. لاهور جي هڪ عاليشان شاپنگ مال جي هڪ ڪُنڊ ۾ هڪ پتڪڙو ڪَباب جو دوڪان هو. اتي ويٺل نوجوان روانيءَ سان انگريزي ڳالهائي رهيو هو ۽ پنهنجي انداز سان تمام گهڻو پڙهيل پئي لڳو. ڳالهين ڳالهين ۾ ڪباب به ڪاڏاسين ۽ انگريزي ادب خاص طور ناول وغيره تي ڳالهه ٻولهه به ڪئي سين. مون کي ان جي ڄاڻ موهي وڌو. هن ٻڌايو ته هو هينئر هينئر لنڊن مان بئريسٽري ڪري آيو آهي. هتي ٽي ڪلاڪ هوندو آهي، جو هو في الحال پنهنجي استاد، سينئر وڪيل کان پئسا نٿو گهري. مون کي سندس ڳالهين تي حيرانگي ۽ ريس به ٿي ته، هي ماڻهو لنڊن مان پڙهي اچڻ کانپوءِ ڪباب وڪڻي سگهي ٿو ته، اسان جي يونيورسٽين مان پڙهي ايندڙ به ڇو اهڙي قسم جي ڪا محنت ڪري پنهنجون ضرورتون پوريون نٿا ڪن.

اسان وٽ پڙهائي پوري ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ وارو دور اسان جي نوجوان تي تمام گهرا نفسياتي اثر ڇڏي ٿو. پنجاهه سٺ مضمون پڙهڻ ۽ سئو کان مٿي اسائنمينٽس، تجربا ۽ پروجيڪٽس وغيره، ڇا اهي نوڪريءَ لاءِ ڪنهن تجربي کان گهٽ آهن؟ يا ايڏي رت ولوڙ کان پوءِ به پڪي نوڪري، سرڪاري نوڪريءَ جو آسرو ڪهڙي عقلمندي آهي؟

هينئر جديد علم اچي ويا آهن. ڏسو ڪيئن نه ريڊيو ٽي وي، بجلي، وي سي آر، سيڊيون ۽ يو ايس بي وغيره وغيره سڀ غائب ٿي ويا. ڪيميرائون، ياشيڪا، ايگفا، فيوجي سڀ خواب بڻجي ويا. لينڊ لائين فونون عجائب گهر جي زينت بڻجي ويون. اڄ پاڙيسري ملڪ انڊيا ۾ آءِ سي ايس بڻجڻ بدران آءِ ٽي ۾ داخلا وٺڻ جو رجحان عروج تي آهي، ۽ جن جي داخلا نٿي ٿئي، اهي آمريڪا لاءِ اسڪالرشپ ۽ جي آر اي (GRE) وغيره ڪري، ايم آءِ ٽي (MIT) وڃي پهچن ٿا. ٻيا وري ننڍين وڏن ڪمن ڪارين خاص طور خانگي نوڪرين کي ترجيح ڏين ٿا. اسين سورنهن درجا پڙهڻ کان پوءِ به اتي جو ڏهه ڪلو وارو ٿيلهو ڪلهي تي کڻڻ کي به بيڪار سمجهون ٿا. آخر ڇو؟ ڇا اسان کي تعليم اهو سيکاري ٿي ته اسين نڪما بڻجي وڃا هجون، سڄي عمر سرڪاري نوڪريءَ جو انتظار ڪريون ۽ پڪي نوڪريءَ جي آسري پنهنجي ڪچي جيون کي سماج جي ٻرندڙ بيروزگاري ۾ ساڙي ڇڏيون، آخر ڇو؟

تنهن ڪري اسان کي حالتن پٽاندڙ پنهنجون اوليتون طئي ڪرڻيون پونديون. اسان کي ڪو به ننڍو وڏو ڪاروبار ڪرڻ ۾ ڪو مسئلو نه هئڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ڪوڙي انا مان جان ڇڏائڻ گهرجي، ڪاٽن جا ڪلف لڳل ڪپڙا پائڻ کان ٿورو پاسو ڪجي، بيروزگاريءَ مان ڀاهر جان ڇڏائڻي پوندي ۽ بدلجندڙ وقت سان گڏ سنڌ جي نوجوان کي پنهنجي نوڪريءَ جي تلاش ۾ ٿوري تبديلي ڪرڻي پوندي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ هڪ معمولي هنروارو پلمبر ايترو ڪمائي ٿو جو توهان سندس اها ڪمائي ٻڌي حيران ٿي ويندا ۽ هتي اسين آهيون جيڪي اهڙي ڪا به ڪوشش نٿا ڪريون.

دنيا هينئر ميٽاورس (Met averse) ٿي ويئي آهي. پڪيون نوڪريون ڪونه رهنديون. پنجاهه سئو سالن ڪانپوءِ ٻارڙا ان ڳالهه تي کلندا سنڌن وڏا اسڪول ۽ ڪاليج وڃي اٺ اٺ ڪلاڪ پڙهندا هئا. لائبرريز ڏانهن ايڏو پنڌ ڪندا هئا ۽ هڪڙي نوڪريءَ جي آسري وڃا هوندا هئا. تنهن ڪري پنهنجي ذهن کي وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان سوچ مان جان ڇڏائڻي آهي ته، ”ماڻهو ڇا چوندا، دوست ڇا چوندا، ڳوٺ وارا، شهر وارا ڇا سوچيندا؟“ ڪو به ڪجهه ڪونه ٿو سوچي اوهان جي باري ۾. ماڻهن وٽ اوهان لاءِ وقت ئي ڪونهي. اوهان اٿي پئو ۽ پنهنجا پيرجهلا پاڻ ٿيو. ڇو مايوسين جي ڏٻڻ ۾ وڃو پيا لهندا. پنهنجا ڏِڳ پاڻ ٺاهيو. منفي سوچن کي ڪڏي ڦٽو ڪيو، سڀ ڪجهه ممڪن آهي. توهان اڄ ئي فيصلو ڪيو. آن لائين ڪاروبار، ننڍو وڏو دوڪان، ڪوئي ڪاڏي پيتي جو شاپ، ڪو ڊيري شاپ، ڪوئي اسٽيشنري، ڪجهه به ڪوليو. پڪي نوڪريءَ جو آسرو هاڻ لاهي ڇڏيو. حالتون توهان جي سامهون آهن. هرويرو جي خام خيالي مان نڪري اچو. نوان جهان تلاش ڪيو. هفتي ۾ هڪ پيرو هلنڊڙ بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي وي جي ”جانگلوس“ ڊرامي کان اڄوڪي نيٽ فليڪس جي ڪوٽا فيڪٽري تائين جي پنڌ کي پنهنجي سوچن ۾ آٽيو. ضرور ريڊيو، ٽي وي، بجلي ۽ ڳوڻاٽي زندگي؛ اهي سڀ پنهنجي پنهنجي دور جون خوبصورت شيون هيون، پر اڄ جي دور جي سچائي Chat GPT آهي، جيڪا گوگل کي به گُهتو ڏيئي سگهي ٿي. هر دور جو پنهنجو چاهه ۽ چس هوندو آهي. انڪار ڪونه آهي، پر محدود سوچ اسان کي وڌيڪ ڪمزور ڪندي ۽ ڪاروبار ڌارين جي هٿ ۾ هليو ويندو. سازشون اڳ ئي ڪوڙ آهن.. اڳ ئي شمر تير جهليو بيٺا آهن. اسان اڳ ئي فلسطين بڻجي چڪا آهيون. تنهن ڪري اسان جي نوجوانن کي نوجوانن ۽ پڪي نوڪريءَ جي آسري ويٺل پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهن کي پراڻ پسنديءَ بدران جديد دور جي گهرجن مطابق هلڻو ۽ اڳتي وڌڻو پوندو. ■



اميج اي بي بي جي ٿورن سان

## سڀاڻي 3 مارچ تي جهنگلي حيات جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو

# جهنگلي حيات کي بچايو



وسيع الدين جوڻيجو

دنيا ۾ هر سال 3 مارچ تي جهنگلي حيات جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. هيءُ ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو 20 ڊسمبر 2013 تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 68 وين اجلاس ۾ ڪيو ويو هئو. هيءُ ڏينهن ملهائڻ جو مقصد اهو آهي ته، عام ماڻهن تائين جهنگلي حيات جي اهميت کي اجاگر ڪيو وڃي ۽ ان جي بقا لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن.

جهنگلي حيات ۾ رڳو جانور نه، پر نباتات، نامياتي وسيلا، پکي، آبي جيوت، وڻ، گاهه ۽ ٻوٽا اچي وڃن ٿا. جن جو ماحولياتي توازن کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار آهي. انهن کي مختلف درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مثال طور ماحولياتي، اقتصادي، تحقيقي ۽ زرعي ڪردار وغيره.

**ماحولياتي ڪردار:**

ڌرتيءَ تي موجود هر جاندار ماحولياتي لحاظ کان هڪ ٻئي سان زنجير جي ڪڙين وانگر جڙيل آهي. ڪنهن به جاندار جي غير موجودگي ماحول کي غير متوازن ڪري سگهي ٿي. مثال طور جيڪڏهن گوشت خور جانور ڌرتيءَ تان ختم ٿي ويندا ته گاهه خور جانورن جو انگ وڌي ويندو، جيڪي جهنگلن ۽ ٻيلن کي ڪائي، ختم ڪري خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ زرعي زمينن جو رخ ڪندا. نتيجي طور انسانن کي فصلن جي پيداوار ۾ گهٽتائيءَ کي منهن ڏيڻو پوندو. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن گاهه خور جانورهن ڌرتيءَ تان ختم ٿي ويندا ته نه صرف انسانن کي گوشت جي رسد ختم ٿي ويندي، پر گوشت خور جانور پنهنجي پيٽ جي باهه اجهائڻ خاطر انساني آبادين ڏانهن رخ ڪندا ۽ انسانن تي حملا ڪندا.

**اقتصادي ڪردار:**

جهنگلي نباتات مان اسان کي ڪاٺ، ٻارڻ، ڪاڌ خوراڪ ۽ دوائون وغيره ملن ٿيون. ان کان علاوه جانورن ۽ جيتن مان قيمتي کلون، گوشت، دوائون، ريشم ۽ ماکي جهڙيون قيمتي شيون ملن ٿيون، جيڪي ڪنهن به ملڪ جي اقتصادي ترقيءَ ۾ وڏي اهميت جون حامل آهن.

**تحقيقي ڪردار:**

سائنسي تحقيق خاص طور طب سان واسطو رکندڙ تحقيق ۾ جهنگلي جانورن ۽ نباتات جو تمام وڏو ڪردار آهي. جڏهن به ڪا نئين دوا ايجاد ٿيندي آهي، ته ان جا بنيادي تجربا ڪوئن، پولڙن ۽ ٻين جانورن تي ڪيا ويندا آهن. جهنگلي نباتات پڻ اڪثر دوائن جي تياريءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي.

**زرعي ڪردار:**

زراعت جي بهتريءَ ۾ پڻ جهنگلي حيات جو اهم ڪردار آهي. جانورن جي معدي مان خارج ٿيندڙ مواد ۽ وڻن ۽ ٻوٽن مان ڪ□ريل پن قدرتي ڀاڻ جو ڪم ڪن ٿا ۽ زمين کي زرخيز بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هنن جي موجودگيءَ ۾ جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ موجود وڻن ۽ ٻوٽن کي وڌڻ ويجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملي ٿي. نانگ، ماڪوڙا، جيت ۽ زمين اندر رهندڙ جانور زرعي زمينن کي نرم ۽ پرپورو رکڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا.

جهنگلي حيات جي تحفظ لاءِ سنڌ حڪومت ”وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ“ نالي هڪ ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن مختلف علائقن کي جهنگلي حيات جي تحفظ لاءِ مخصوص ڪيو آهي. هنن علائقن جي درجه بندي هن ريت آهي:

1) نيشنل پارڪ، جيڪو تعليم، تحقيق ۽ سياحتي مقصدن لاءِ ڪم ايندو آهي.

**2) سينڪچري يا پناهه گاهه**

3) گيم رزرو، جنهن ۾ حڪومتي اجازت نامي سان محدود پيماني تي شڪار جي اجازت هوندي آهي.

هنن علائقن ۾ ڪيرٿر نيشنل پارڪ (ڄامشورو)، مهراڻو (خيرپور ميرس)، هاليجي ڍنڍ (ٺٽو)، ڪينجهر ڍنڍ (ٺٽو)، صوفي انور سفاري پارڪ (گهوٽڪي)، انڊس ڊولفن رزرو (گهوٽڪي، شڪارپور)، پائي ٻيلو (شهيد بينظير آباد)، رڻ ڪڇ (ٿرپارڪر / بدين) ۽ نارا ڊيزرٽ (سکر / خيرپور) تمام گهڻا مشهور آهن، جتي ڪيترن ئي قسمن جي جانورن جي حفاظت ۽ افزائش ٿئي ٿي. انهن جانورن ۾ ڦهاڙي ٻڪرا (آئيبيڪس)، مِرُون، هرڻن جا ڪيئي قسم، مران گرمڇ، ٻلهڻ، لومڙ، نانگ، گدڙ، ٻگهڙ، ڪيترن ئي قسمن جا ڏيهي توڙي پرڏيهي پکي، ۽ ٻيا ڪيترائي جانور، وڻ ۽ ٻوٽا شامل آهن. انهن ماڳن تي جيڪڏهن بنيادي سياحتي سهولتون مهيا ڪري، سياحتي سرگرميون به شروع ڪيون وڃن ته عام ماڻهو هنن جانورن ۽ نباتات متعلق سٺي ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا ۽ حڪومت کي سٺي آمدني پڻ ٿيندي.

سنڌ جي جهنگلي جيوت واري کاتي ڪراچيءَ ۾ هڪ ميوزيم پڻ قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ موجود جهنگلي حيات متعلق سٺي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. سياحن تي به اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اهي اهڙن ماڳن تي گهمڻ لاءِ وڃن ۽ گهمڻ سان گڏ اهڙن ماڳن تي صفائي سٿرائيءَ جو تمام گهڻو خيال رکن، خاص طور پلاسٽڪ مان ٺهيل ٿيلهيون، پاڻيءَ جون بوتلون ۽ ٻيو اهڙو سامان انهن جاين تي نه اڇلائين، جيئن هتي موجود جانورن کي نقصان نه پهچي. ان سان گڏ غير قانوني شڪار کان پرهيز ڪن. اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا پڻ اهڙن مخصوص ڏينهن تي عوامي آگاهيءَ لاءِ مضمون شايع ڪن ۽ دستاويزي ۽ ٻيا پروگرام نشر ڪن. ■

## تاج بلوچ، ثمرين شيخ ۽ مان....

# مان تاج بلوچ جي ڏنل ايوارڊ جي حفاظت نہ ڪري سگهيس



منظور ڪوهيار

مون کي يقين آهي تہ 5 جون 2020ع تي وڇڙي ويل ادبي سپورنج تاج بلوچ جو روح مون کي معاف ڪري ڇڏيندو. توڻي جو مان سندس ڏنل ايوارڊ جي حفاظت نہ ڪري سگهيس، پر عالم برزخ ۾ جڏهن بہ ملاقات ٿي تہ ضرور پڇندومانسِ تہ، ثمرين شيخ هڪ ادبي افسانو هئي يا مزاحيہ خاڪو؟ مون کي يقين آهي تہ اُتي هو نٽائيندو نہ، ضرور ٻڌائيندو.....

بحيثيت رانديگر جي مون کي اسڪول جي زماني کان يونيورسٽي تائين ڪوڙ انعام اڪرام مليا، جن ۾ ڪپ، شيلڊس، سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ شامل هيا. ادبي حوالي سان لاڙڪاڻي جي ادبي تنظيمن جا ٻہ ڪن ايوارڊ بہ مليل هيا. البتہ سنڌ ليول تي پهريون دفعو ماهوار سوجهرو طرفان 2000ع ۾ ڪهاڻي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويس. تاج بلوچ مشهور ۽ معروف ادبي پرچي ”سوجهرو“ جو سرپرست ۽ چيف ايڊيٽر هيو. سندس ڪلاسيڪل ادبي ايڊيٽوريل پڙهڻ سان اندازو ٿيندو هيو تہ هو هڪ گهڻ پڙهيو نقاد، سخن ور ۽ سخن شناس شخصيت آهي. سنڌي ادب ۽ بين الاقوامي ادب تي سندس گهري نظر آهي. البتہ نجي ڪچهريءَ ۾ ائين لڳندو هيو تہ، ”ٻلو، اهوئي ٻلو!! سڌي راند سوٽي جي ٻيڙي ٻڌي ڪوٽي جي! ست سريون ٻڌائڻ يا ڇڙيو پڇڙيو ڳالهائڻ جو پڙ...“

هڪ ڏينهن لينڊ لائن فون تي تاج بلوچ ڪراچيءَ مان نہ صرف ايوارڊ ڏيڻ جي خوش خبري ٻڌائي، پر آمريڪا مان ثمرين شيخ جي اچڻ جي بہ. گڏوگڏ اها بہ ڌمڪي ڏنائين تہ، ”جي نہ پهتين تہ پوءِ تون ڄاڻ ۽ ثمرين شيخ ڄاڻي!“ ثمرين جنهن پنهنجن خطن ذريعي گهڻن اديبن کي ’سوجهرو‘ ۾ آئينو ڏيکاري ڇڏيو هيو! ماڻهو پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي پنهنجن عيبن کي نظر انداز ڪري سگهي ٿو، پر ٻيو ڪو ڏيکاري تہ درگذر ڪرڻ مشڪل آهي...ثمرين شيخ چڱن ڀلن اديبن کي پنهنجن خطن ذريعي ٽاندا ڏئي ڇڏيا هيا. منهنجي خوشقسمتي اها هئي، جو ان منهنجين ٻن ٽن ڪهاڻين جي تعريف ڪئي هئي. جڏهن تہ منهنجي نہ ساڻس ڪا ميل ملاقات هئي، نہ خط و ڪتابت... مان ثمرين شيخ جي اچڻ جو ٻڌي اڌ ڪٺل ڪڪڙ وانگر تڙپڻ لڳس، جنهن کي پارسيءَ ۾ ”مرغ بسمل“ سڏبو آهي. ڇو جو هڪ اهڙي ذهين فطين شدتڻ نقاد سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيڻو هيو، جنهن جي ڇتي تنقيد پڙهي، ڪيترن اديبن جا ڏوهہ ڏڪندا هيا....


توڙي جو پاڻ کي بلوچي وارو ”مٽڙس ( بي ڊپو)“ يا سنڌي سماج وارو ”مڙس ماڻهو“ سمجهندو هيس، پر ڊپ انسان جي بنيادي محرڪن منجهان هڪ آهي. چوندا آهن تہ، ”سَپ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.“ سو تاج بلوچ کي پڪ ڏياريم تہ، جي ان ڏهاڙي ٻيئڙ ٽيئڙ تپ هوندو تہ بہ پاڻ ڪٽائي پهچندس. عزت هر انسان کي پياري آهي، ڀل ڪٽي اهو قابل توقير نہ هجي. مون کي صرف ثمرين شيخ جو ڊپ نہ هيو، بلڪ تاج بلوچ جو پڻ هيو، ڇو تہ اهو هُلايل يا مشهور هيو تہ، ”تاج بلوچ ، جيڪڏهن ڪنهن جي عزت افزائي ڪندو آهي، تہ پنهنجي وسيع القلبي جو مظاهرو ڪندي، تن تي پاتل ڳوڙ لاهي اڳلي کي پڳ ڪري پارائيندو آهي، پر جي لاهڻ تي اچي، تہ سندس پاتل پڳ بہ لاهي ڳوڙ ڪري ٻڌي ڇڏيندو آهي.“

نيٺ ان ڏينهن تي صبوح جو بس تي لاڙڪاڻي مان نڪتل. شام جو گارڊن روڊ تي پي. ايم اي هائوس ڪراچي ۾ وڏن ارمانن ۽ اميدن سان پهچي ويس. هال جي ٻاهران انور ابڙي کي ڏٺم، جيڪو مانوارن مهمانن جي آجيان لاءِ بيٺو هيو. انورابڙو، ان وقت ”سوجهرو“ ۾ تاج بلوچ جو ٻانهن ٻيلي ۽ سهائڪ هيو. ان کان تاج بلوچ جو پڇيم تہ ٻڌايائين تہ، ”هال ۾ اندر ويٺو آهي. اندر گهڙيم، تاج بلوچ، آغا سليم ۽ حميد سنڌيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مصروف هيو. هال اديبن ۽ ادب دوستن سان ٽٻ لڳو پيو هيو. نہ صرف سنڌي اديب، پر اردو ٻوليءَ جا اديب ۽ ادب دوست پڻ آيل هيا، جنهن مان تاج بلوچ جي ڏيٺ ويٺ ۽ ميل جول جو اندازو پئي ٿيو. ٽوٽ جيڏا ايوارڊ موهن جي دڙي جي نچڻيءَ جي مورتيءَ جي صورت ۾ هڪ وڏي ٽيبل تي سجايل هيا. اديبائن جي سُس پُس ۽ اديبن جو چرٻٽو لڳو پيو هيو، جن ۾ صنفِ نازڪ جي وڄندڙ ٽلين جهڙا نفيس آواز ۽ اديبن جا کهرا ٺهڪ شامل هيا. مان عاقبت انديشي جو مظاهرو ڪندي تاج بلوچ کي منهن ڏيکارڻ ضروري سمجهيو. تاج بلوچ ڏسي خوش ٿيندي چيو، ”اچين وئين نہ!“ ڄڻ چوندو هجي، ”نہ تہ اچين ها، تہ ثمرين شيخ ڏاٽا ڪڍي ڇڏئي ها!“ مان آغا سليم ۽ حميد سنڌيءَ سان ملڻ ڪانپوءِ آخرين ڪرسين جي قطار ۾ وڃي ويٺس. خبر ناهي ڇو مان تاج کان ثمرين جو پڇي نہ سگهيس. پروگرام شروع ٿيو. تاج بلوچ ايوارڊن جي حوالي سان پنهنجو نقطہ نظر بيان ڪيو تہ هن هر صنف جي حوالي سان ڪوشش ڪئي آهي تہ لائق ماڻهوءَ کي ايوارڊ ڏنو وڃي تہ جيئن ادب جي آبياري ٿئي. ان دوران منهنجيون ناشناس نظرون ثمرين شيخ کي ڳولهڻ لڳيون. ملاقات نہ هجڻ ڪري اتي ويٺل هر نوجوان وينگس ثمرين شيخ پئي لڳي. خير، سوچيم تہ پروگرام جي خاتمي کان پوءِ تاج بلوچ کان پڇي وٺبو، تڪڙ ناهي...!

پهريون سيشن ڪهاڻيڪارن جي حوالي سان هيو. صدارت آغا سليم جي هئي. حميد سنڌي مهمان خاص ۽ مون کي ايوارڊ سان نوازي اعزازي مهمان جي حيثيت سان مٿي ويهاريو ويو. ان ڪانپوءِ ادب جي حوالي سان ٻيا سيشن ٿيا. منور ابڙي، انور ابڙي ۽ ٻين ڪيترن اديب دوستن کي ايوارڊ مليا. ڪهڙي ڪارڪردگي تي؟ مون کي ان سان ڪا دلچسپي نہ هئي، دلچسپي هئي تہ صرف ثمرين کي ڏسڻ جي....

هڪ وڏي ٽيبل تي، موهن جي دڙي جي نچڻي وارن ايوارڊن کي ڏسي، خبر ناهي ڇو مرد و زن مشڪي رهيا هيا. شايد ڪين موهن جي دڙي واري نچڻي جي ڊيل ڊوَل ۾ پراسرار جدت پئي نظر آئي. برصغير ۾ سونهن جي حوالي سان عورتن کي چئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: پدمڻي، ڪامڻي، چترڻي ۽ هستني. پدمڻي ۽ ڪامڻي جي جسماني ساخت جي حوالي سان ٻڌايل آهي، تہ سنهڙيون ۽ ڇڙڪ بدن هونديون آهن. شاهہ سائين بہ مارئي کي پدمڻي ڪري سڏيو آهي.

”پکي منجهہ پدمڻي ، ڪرڏئي وراڪا وڄ
جهڙيءَ صورت سج، تهڙي مورت مارئي.“



تاج بلوچ



ثمرين شيخ جي علامتي تصوير

موهن جي دڙي جي ڪلاسيڪل نچڻي جي مورتيءَ جو ڊيل ڊوَل بہ ڇڙڪ بدن پدمڻيءَ جيان آهي، پر حسن جا معيار هر دور ۾ تبديل ٿيندا رهن ٿا. هن وقت جا معيار ڪجهہ ٻيا آهن. صرف ڇيلهہ ڇهبڪ جيان هجي، باقي بدن ڳردار هجي. پڪ سان انهيءَ جديد معيار کي سامهون رکندي تاج بلوچ جي ٺهرايل ايوارڊن ۾ موهن جي دڙي جي مورتي قديم ۽ جديد حسن جو امتزاج هئي.

پروگرام رات جو يارهين وڳي ختم ٿيو. مان تاج بلوچ کان ثمرين شيخ جو پڇيو. حيرت ڪائيندي چيائين، ”يار، خبر ناهي ڇو ناهي پهتي...!“ منهنجين آسن ، اميدن ۽ ارمانن تي پاڻي ڦري ويو. مان مايوسيءَ وچان ڪائنس ٽڪڙو موڪلايو تہ جيئن صدر مان آخري بس پڪڙي گلشن حديد پنهجي نندي ڀاءُ درجان جي گهر ۾ ٽانيڪو ٿيان. بس ڀريل هئي. مان هڪ هٿ ۾ موئن جي دڙي جي ماڊرن نچڻي هٿ ۾ جهليون بيٺو هيس ۽ ٻيو هٿ بس جي ڏنڊي ۾ هيو. بس ڊرائيور جي اوچتو بريڪ هڻڻ ڪري توازن قائم نہ پئي ٿي سگهيو. ذري گهٽ ڪِرندي ڪِرندي بچيم پئي. هڪڙي سيٽ تي ويٺل نيڪ مرد رحم ڪائي مون کان ايوارڊ وٺي جهولي ۾ رکيو تہ جيئن مان ٻنهي هٿن سان ڏنڊي کي پڪڙي توازن قائم رکي سگهان. ٿوري دير ڪانپوءِ نيڪ مرد جون نظرون موهن جي دڙي جي نچڻيءَ جو سرتاپا جائزو وٺڻ لڳيون، ۽ پوءِ ڪيس لڳو تہ گناهہ ڪبيرا سرزد ٿي رهيو آهي. هن هڪدم موهن جي دڙي جي نچڻي واپس ڪري ڇڏي ۽ پرسان ويٺلن کي بہ سُس پُس ڪندي ٻڌائي ڇڏيو، تہ مان پنهنجي هٿن ۾ گناهہ جو پتلو جهليون بيٺو آهيان. آسپاس ويٺلن جون نظرون مورتي ۾ کپي ويون. ائين پئي لڳو ڄڻ ماڊرن نچڻي جي مورتي ڪين دعوت گناهہ پئي ڏني، جو انهن هر هر ان کي هوس ڀريل نظرن سان چتائي پئي ڏٺو. مون هڪدم ڪيسي مان رومال ڪڍي ان جي ست سيل بچائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ شروع ڪري ڏنيون. مصيبت اها هئي تہ هينيون ڏڙ ڏِڪيانس تہ اُرهہ ارسونگا ٻاهر، ارهہ ڍڪيانس تہ هينيون ڏڙ ٻاهر. دل ۾ دعا پئي گهريم تہ بس کي بريڪ نہ لڳي، پر اذيت پسند بس ڊرائيور وک وک تي ماڻهو لاهيندو ۽ چاڙهيندو پئي هليو. جنهن مرد جي نظر مورتيءَ تي پي پئي، تنهن جي اک مورتيءَ کي چيلاٽي جيان ڇهتي پئي وئي. نيٺ خدا خدا ڪندي بس گلشن حديد پهتي. ڀاءُ جي گهر جي گهٽيءَ ۾ پهچندي خيال آيو تہ اهي ڏسندا تہ ڇا سوچيندا تہ، ان اگهاڙي بوتي لاءِ لاڙڪاڻي مان ڪراچيءَ سفر ڪيو اٿئين. اهو خيال ايندي گهٽيءَ ۾ شاپر ڳولهڻ لڳم. خير جي ڪم ۾ دير نہ لڳي. گهر جي ڪال بيل وڄائڻ کان اڳ هڪ ڪاري شاپر سان موهن جي دڙي جي ماڊرن نچڻي کي برقعو پارائي ڇڏيم، تہ ٻيبي پلي، ڍڪي پلي...

ٻئي ڏينهن تي هڪ وڳي ڌاران تاج بلوچ کي فون ڪري سندس ايوارڊ ڏيڻ جو ٿورو مڃيم تہ وراڻيائين، ”يار! تون ان جي لائق هئين، مان نالائقن کي ايوارڊ ناهيان ڏيندو!!“ پوءِ هٻڪندي پڇيومانس، ”پلا، ث..ث...ثمرين شيخ جي ڪا خبر چار؟“

”اڙي يار، هن ويچاري جي فلائٽ ليٽ ٿي وئي هئي، بس جيئن اوهان نڪتئہ تہ هوءَ بہ اچي پهتي. توهان جو ڏاڍو پڇي پئي!..ٻڌايومانس تہ منظور کي گلشن حديد وڃڻو هيو، ان ڪري جلدي هليو ويو.ميار پئي ڏنائين، تہ مان ڪٿان کان سفر ڪري پهتس، ۽ منظور 12 وڳي تائين بہ انتظار نہ ڪيو!باقي انور ابڙي ۽ چندر ڪيسواڻي سان وڏي ڪچهري هنيائين...“

”هاڻي ڪاٿي رهيل آهي؟“ پڇيومانس.

صبوح جو 11 وڳي جي فلائيٽ ۾موٽي بہ وئي!..“ ائين چيائين، جيئن ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ واري هڪ همراهہ ٻي کان پڇيو، ”ٻڌو آ شادي ڪئي ٿي؟...وراڻيائين، ها! ڪڏهن جو پيچي بہ وئي!“ جيئن تہ مون کي ثمرين جي تفصيلي راءِ ٻڌڻ جي جستجو هئي، ان ڪري تاج بلوچ کان پڇيم تہ،

” ثمرين، وڏيڪ ڇا پئي چيو؟“

”مان ٻڌائيندومانءِ تہ شايد پت نہ ڪرين. بهتر اهو ٿئي تہ انور ابڙي يا چندر کان پڇ!“

مون انور ابڙي کان فون تي پڇيو تہ، ”ثمرين ڪچهري ڪندي مون يا منهنجين لکڻين بابت ڇا چيو هيو؟“

لنوائيندي چيائين تہ، ”چندر کان پڇو تہ بهتر آهي!“

چندر ڪيسواڻي کان بہ فون تي پڇيم تہ ٻڌائڻ کان نٽائي ويو، تہ رهندو سهندو بي قراري ۽ آنڌ مانڌ وڌي وئي...

ٻن ڏينهن کان پوءِ لاڙڪاڻي موٽ ڪيم. پر موهن جي دڙي جي ماڊرن نچڻي کي اوطاق جي شو ڪيس ۾ ان ڪري نہ رکيم، تہ متان ڪنهن دوست کي خراب نہ لڳي، ان ڪري پنهنجي هڪ مخصوص الماري، جنهن ۾ ڪاغذ پٽ پيا هوندا آهن، ان جي هيٺئين خاني جي ڪنڊ ۾ ائين لڪائي رکيم جيئن حويليءَ ۾ ڪنهن پاڪ دامن کي، تہ جيئن مٿائنس ڪنهن نر پکي جي نظر نہ پوي....

ويجهڙ ۾ ان الماري مان سامان ڪڍندي اهو ڪارو شاپر بہ نڪري آيو. شاپر جي ڇيپيل ڳنڍ جيئن کولڻ جي ڪيم تہ اهو ٻہ ٽي دفعا هيٺ ڪِري پيو. جيئن شاپر کولي ڏٺم تہ پلاسٽر آف پيرس جي ٺهيل ماڊرن نچڻي جو سِرُ تَن کان جدا ۽ تَن سِر کان جدا لڳو پيو هيو. ڏاڍو افسوس ٿيو، پر ڇا ڪجي، پارڪنسن ڊزيز ڪري هٿ وس ۾ ناهن، ائين جيئن جنوني ڪنهن جي چئي ۾ ناهن هوندا....

مون کي يقين آهي تہ 5 جون 2020ع تي وڇڙي ويل ادبي سپورنج تاج بلوچ جو روح مون کي معاف ڪري ڇڏيندو، توڻي جو مان سندس ڏنل ايوارڊ جي حفاظت نہ ڪري سگهيس، پر عالم برزخ ۾ جڏهن بہ ملاقات ٿي تہ ضرور پڇندومانسِ تہ، ثمرين شيخ هڪ ادبي افسانو هئي يا مزاحيہ خاڪو؟

مون کي يقين آهي تہ اُتي هو نٽائيندو نہ، ضرور ٻڌائيندو.... ■

# يوڪرين کي هُشيءِ ڏيئي روس سان ويڙهائي هاڻي آمريڪا ان مان هٿ ڪڍڻ لڳو

ٽرمپ يوڪريني صدر زيلنسڪي جي سرعام بيعزتي ڪئي. ڪيس آمر سڏيو. ٽين عالمي جنگ شروع ڪرڻ جو به مٿس الزام. جيڪڏهن ٽرمپ جو يوڪريني صدر زيلنسڪيءَ سان اهو رويو برقرار رهيو ته، زيلنسڪي ڪنهن به قسم جي بارگيننگ جي پوزيشن ۾ نه رهندو. وائيٽ هائوس تي صدر ٽرمپ ۽ صدر زيلنسڪي جي وچ ۾ ٽيل ملاقات دوران زيلنسڪي جي ڪيل بيعزتي تي دنيا حيران آهي.



الهه بخش راٺوڙ

روس ۽ يوڪرين جي جنگ، هاڻ اهم موڙ اختيار ڪري چڪي آهي. آمريڪا، جنهن جوبائيڊن جي دور ۾ يوڪرين کي روس سان جنگ وڙهڻ لاءِ ٽن سالن دوران ساليانو 70 ارب ڊالر فوجي امداد ڏني، اهو هاڻي ٽرمپ انتظاميا جي دور ۾ پنڌي هٽي چڪو آهي. ٽرمپ جي نئين ورلڊ آرڊر يوڪرين کي بي يارومددگار ڪري ڇڏيو آهي، انڪري ٽرمپ هيل تائين روس ۽ يوڪرين ۾ جنگ جي روڪٿام لاءِ جيڪي اجلاس ڪيا يا ڪوششون ڪيون آهن، اهي يوڪرين کي پاسيرو ڪندي، ان کي اعتماد ۾ وٺڻ کان انڪار ڪندي ڪيون آهن. هي ساڳيو يوڪرين آهي، جنهن آمريڪا جي هشيءَ تي روس سان جنگ شروع ڪئي هئي، پر هاڻ ٽرمپ يوڪرين جي همراهه زيلنسڪي کي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. هينئر يوڪرين انتهائي ڪمزور وکيٽ تي ڪيڏي رهيو آهي. يورپ، جنهن نيٽو توڙي نيٽو کان ٻاهر وڏي چڙهي يوڪرين جي صدر جي حمايت ڪئي هئي، اهو به انتهائي پريشان آهي ته، آمريڪا جي پنڌي هٽڻ سان 100 ارب ڊالرن کان وڌيڪ ساليانو خرچ جو ڇا ٿيندو؟ ان سان گڏ اهي ٻين ڪيترن ئي معاملن، خاص ڪري يورپ جي سلامتيءَ جي حوالي سان آمريڪا کان جان آجي ڪرائڻ تي ويچاري رهيا آهن.

هينئر يوڪرين جي جنگ بابت ٽي محاذ سامهون اچي رهيا آهن: هڪ طرف آمريڪا، ٻئي پاسي يورپ ۽ ٽئين طرف يوڪرين آهي، جنهن جنگ دوران ڳري جاني، مالي ۽ فوجي قيمت ادا ڪئي آهي.

يوڪرين، روس سان جنگبنديءَ لاءِ تيار ٿيندو يا نه؟ ان سوال جو جواب ڳولڻ کان پهريان اهو ڏسڻو پوندو ته، آمريڪا، يوڪرين جي نتهائي ڪمزور پوزيشن ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن ٽرمپ جو اهو رويو برقرار رهيو ته، يوڪريني صدر زيلنسڪي ڪنهن به قسم جي بارگيننگ ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه رهندو. وائيٽ هائوس تي صدر ٽرمپ ۽ يوڪرين جي صدر زيلنسڪي جي وچ ۾ ٽيل ملاقات دوران زيلنسڪي جي ڪيل بيعزتي تي دنيا حيران آهي. ٽرمپ پهريان ته زيلنسڪي تي واضح ڪيو ته هو روس سان بارگيننگ ڪري. ان سان گڏ اهو طعنو به ڪيس ڏنو ته جيڪڏهن اسان يوڪرين جي حمايت ڪرڻ ڇڏي ڏني ته اهو ٻن هفتن تائين جنگ جاري رکي نٿو سگهي. ملاقات دوران آمريڪي صدر ۽ سندس نائب، يوڪريني صدر کي وائيٽ هائوس مان نڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ۽ ٽن اهلڪارن کي چيو ويو ته، اهي يوڪريني صدر کي وائيٽ هائوس مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين.

## منهنجي ڳالهه مڃ، ضد ڇڏ، نه ته ڏاڍو ڏکيو ٿيندين.



صدر ٽرمپ ۽ صدر زيلنسڪيءَ وچ ۾ جمع، 28 فيبروري 2025 تي ٿيل ملاقات (تصوير گيٽي اميجز)



عالمي ميڊيا جي رپورٽس مطابق يوڪريني صدر ولاديمر زيلنسڪي جي آمريڪي صدر ٽرمپ سان ملاقات هڪ بدترين نتيجي تي ختم ٿي. ٻنهي اڳواڻن ميڊيا جي موجودگيءَ ۾ غير معمولي ڳالهه ٻولهه ڪئي. يوڪريني صدر ڪوشش ڪئي ته، آمريڪي صدر، روسي صدر پيوٽن جو پاسو نه کڻي ۽ ان سان ساڻس اتحاد برقرار رکي. زيلنسڪي، روس جي صدر کي قاتل سڏيو، جنهن تي ٽرمپ آپي مان ٻاهر نڪري ويو. ٽرمپ ۽ نائب صدر، زيلنسڪي تي الزام مڙهيو ته هن آمريڪا جي بيعزتي ڪئي آهي.

هڪ آمريڪي عملدار ميڊيا کي ٻڌايو ته، زيلنسڪيءَ کي اجلاس مان نڪري وڃڻ جي ڌمڪي ڏني وئي. يوڪرين ۽ آمريڪا کي گڏيل اجلاس ۾ قدرتي وسيلن تائين آمريڪي پهچ کي يقيني بنائڻ واري ٺاهه تي صحيحون ڪرڻيون هيون. آمريڪي نائب صدر يورپ ۾ ٻي عالمي جنگ کانپوءِ سڀ کان وڏي تڪرار جي حل لاءِ سفارتڪاريءَ تي زور ڀريو. زيلنسڪي چيو ته، هو پيوٽن سان ڪنهن به ڳالهه ٻولهه تي يقين ڪري نٿا سگهن. هن کُلي ڪري ٽرمپ جي پيوٽن لاءِ نرم گوشي جي ڳالهه ڪئي. ٽرمپ سوشل ٽرٿ تي لکيو ته، صدر زيلنسڪي امن لاءِ تيار ناهي. جڏهن هو امن لاءِ تيار ٿئي ته وائيٽ هائوس واپس اچي سگهي ٿو.

زيلنسڪي هينئر به پراميد آهي ته هن جا آمريڪا سان لاڳاپا بهتر ٿي سگهن ٿا. هو آمريڪا کي وڃائڻ نٿو چاهي. هن واضح ڪيو ته، ”اسان چاهيون ٿا ته ٽرمپ اسان جي پاسي هجي.“

وائيٽ هائوس ۾ ملاقات جي حوالي سان عالمي ميڊيا ڄاڻايو ته، ٽرمپ، زيلنسڪي تي واضح ڪيو ته توهان سٺو موقف اختيار نه ڪيو آهي. توهان وٽ ڪيڏڻ لاءِ ڪو به ڪارڊ ناهي. اسان سان گڏ هوندئو ته توهان کي ڪجهه هٿ حاصل ٿيندو. زيلنسڪي چيو ته، ”مان توهان سان ڪارڊ نه ڪيڏي رهيو آهيان. مان گهڻو سنجيدهه آهيان.“

ٽرمپ جوابي حملو ڪندي چيو ته، ”تون اسان سان ڪارڊ ڪيڏي رهيو آهين. تون لکين يوڪرين جي جانين سان ڪيڏي رهيو آهين. تون ٽين عالمي جنگ جي جوا ڪيڏي رهيو آهين.“

ٽرمپ چيو ته، ”روس سان معاهدو نه ڪندين ته اسان توسان گڏ ناهيون. اسان هيل تائين توتي 300 ارب ڊالر خرچ ڪيا آهن. هاڻ توکي پنهنجي جنگ پاڻ وڙهڻي پوندي. مونکي نٿو لڳي ته اهو بهتر ٿيندو.“ آمريڪي نائب صدر وينس چيو ته، ”اسان تنهنجي لاءِ ايترو ڪجهه ڪيو ۽ تو ٿورا به نه مڃيا. تون بلڪل ناشڪرو لڳي ٿو.“

زيلنسڪي چيو ته، ”مون آمريڪي عوام جا ٿورا مڃيا، جنهن يوڪرين جي حمايت ڪئي.“ ٽرمپ پنهنجي انتهائي ڪاوڙ واري لهجي ۾ چيو ته،”تون ته آمر آهين. چونڊيل صدر به ناهين.“ واضح رهي ته زيلنسڪي کي 2024 ۾ صدارتي چونڊ ڪرائڻي هئي، پر جنگ جو بهانو ٻڌائي هو اقتدار ۾ رهيو ۽ هينئر هن جي مقبوليت رڳو 14 سيڪڙو آهي.

اهو به وسارڻ نه گهرجي ته، يوڪرين جي صدر زيلنسڪي، آمريڪي ئي هشيءَ تي روس سان جنگ جو اعلان ڪيو هو. ڪيس خاطري ڪرائي وئي هئي ته آمريڪا ۽ يورپ سندس هر ممڪن فوجي ۽ مالي مدد ڪندا. يوڪرين کي نيٽو جو ميمبر ٿيڻو هو، انڪري هو روس جي مخالفت جي باوجود آمريڪا جي ڏٺي ۾ اچي ويو. روس جو چوڻ هو ته نيٽو جا فوجي جيڪڏهن سندن سرحد جي ويجهو اچي ويا ته اهو سندن ملڪ جي سلامتي لاءِ خطرناڪ ٿيندو، پر يوڪرين هڪ به ڳالهه نه ٻڌي. هاڻ آمريڪا جي مخالفت کانپوءِ يوڪرين نيٽو جو ميمبر به ٿي نٿو سگهي ۽ يورپي ملڪ پاڻ پريشان آهن.

روس ۽ يوڪرين جي جنگ دوران 95 هزار روسي فوجي ۽ يوڪرين جا 70 هزار فوجي به مارجي ويا آهن ۽ بمباريءَ سبب 20 لک گهر ڍهي پٽ پئجي ويا آهن. گذريل ٽن سالن کان 70 لک يوڪريني شهري لڏپلاڻ ڪري چڪا آهن. انهن مان اڪثريت پولينڊ، هنگري ۽ مالدووا هلي وئي آهي. يوڪرين مان جان بچائي نڪرندڙن ۾ 90 سيڪڙو عورتون ۽ ٻار شامل آهن. هينئر هڪ ڪروڙ 30 يوڪريني شهرين کي آمريڪا ۽ يورپ جي امداد جي ضرورت آهي. هينئر جرمني ۽ برطانيا سميت ڪيترن ئي ملڪن يوڪرين جي وڪالت ڪندي چيو آهي ته، جنگ جي خاتمي لاءِ يوڪرين جو متاثر ڌر طور ڳالهين ۾ شامل هجڻ ضروري آهي، جڏهن ته آمريڪي صدر مرضيءَ سان يوڪرين تي جنگبنديءَ جو معاهدو مڙهڻ چاهي ٿو.

يوڪرين سان ڪيل آمريڪي تعدي مان سمجهي سگهجي ٿو ته آمريڪا ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن جو پروسي جوڳو اتحادي ناهي. اهو پنهنجن مفادن جي لاءِ يوڪرين جي صدر زيلنسڪي سميت سمورن اڳواڻن کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. دنيا جي ماضيءَ جي فوجي آمرن مان به آمريڪا ساڳئي انداز سان هٿ ڪڍيا هئا. جنرل نوريگا جهڙن جنرلن کي ته گرفتار ڪري آمريڪا نيو ويو هو. ■

## ڪتاب: وکريل ورق _ ليکڪ: پروفيسر سليم ميمڻ

# پروفيسر سليم ميمڻ جي ادبي مَيڙي چُونڊي

**پروفيسر سليم ميمڻ پنهنجي سموري ڄمار هڪ تعليمدان رهيو آهي، سندس زندگيءَ جون ٻيون خوبيون هڪ طرف رکي مان سندس هن ڪتاب تي سڌو اچان ٿو. ”وکريل ورق“ الڳ الڳ موضوعن تي سندس اهي لکڻيون آهن، جيڪي الڳ وقتن تي هن لکيون آهن، پر جيئن تہ هو سنڌي ادب پڙهائيندڙ رهيو آهي، ان ڪري سندس سمورين لکڻين ۾ فڪشن کان پري هوندي جيڪا رواني ۽ خوبصورتي آهي، اها ڪتاب مان ظاهر ٿي رهي آهي.**



رکيل موريائي

افسانوي ادب/تخليقي ادب، جنهن ۾ اسين شاعري، ڪهاڻي، ناول ۽ ناٽڪ کي شامل ڪندا آهيون، عالمي طور اُهي صنفون يا تہ گهٽ لکجي رهيون آهن يا پڙهندڙن جو ڌيان ادب کان ٻاهر، غير افسانوي ادب، مضمون، آتم ڪٿا، ڊائرين ۽ خطن وغيره ڏانهن وڌيڪ ٿي رهيو آهي. سنڌي ادب ۾ پڻ هڪ طرف ناول تيزيءَ سان لکجي رهيو آهي، تہ ٻئي طرف خط، يادگيريون، آتم ڪٿائون ۽ مضمونن وغيره جا ڪتاب تيزيءَ سان نہ صرف ڇپجي رهيا آهن، پر اهي تيزيءَ سان لکجي بہ رهيا آهن. جنهن سلسلي ۾ تازوئي هڪ اهم ڪتاب سنڌي ادب جي جهوليءَ جو نصيب ماڻيو آهي، اهو آهي ”وکريل ورق.“ هيءُ ڪتاب سنڌ جي نامياري شخصيت پروفيسر سليم ميمڻ صاحب جي لکڻين جو مجموعو آهي، جنهن کي مان هوند سندس ادبي ميڙي چونڊي چوان تہ مناسب رهندو.



پروفيسر سليم ميمڻ پنهنجي سموري ڄمار هڪ تعليمدان رهيو آهي، سندس زندگيءَ جون ٻيون خوبيون هڪ طرف رکي مان سندس هن ڪتاب تي سڌو اچان ٿو. ”وکريل ورق“ الڳ الڳ موضوعن تي سندس اهي لکڻيون آهن، جيڪي الڳ وقتن تي هن لکيون آهن، پر جيئن تہ هو سنڌي ادب پڙهائيندڙ رهيو آهي، ان ڪري سندس سمورين لکڻين ۾ فڪشن کان پري هوندي جيڪا رواني ۽ خوبصورتي آهي، اها ڪتاب مان ظاهر ٿي رهي آهي. هيءُ ڪتاب انهن وکريل ورقن جو ٻيو حصو آهي، جيڪي ورق سليم صاحب لڳاتار لکندو تہ رهيو آهي، پر ٻين ڪيترن اديبن جا ڪتاب ڇپائڻ باوجود هن پنهنجي ورقن کي پڻ نہ وساريو. هاڻ جڏهن هن جو ڪتاب جو ٻيون ۽ اڳئين کان ٻيٽو جلد آيو آهي تہ، اهو وڌيڪ خوشگواري ڪٺي آيو آهي. هن ڪتاب جي پهرئين ۽ وڻندڙ خوبي اها آهي تہ جيئن تہ سليم صاحب هڪ استاد آهي، ان ڪري سندس لکڻين ۾ مڪمل طور هڪ اهڙو مقصد، جيڪو ڪنهن بہ طرح پڙهندڙ کي ڪجهہ ڏيئي سگهي، پيل لکت ۾ مضمون، مقالا، تبصرا هجن توڙي مهاڳ، اهي سڀ فنڪشنائيزڊ ٿيل بنهہ نہ آهن. انهن کي پڙهبو تہ اهي ترتيب سان معلوماتي ۽ ساڃاهہ ڏيندڙ لڳندا ۽ جنهن موضوع تي، جنهن ڪتاب تي لکيل آهن، ان دائري کان ٻاهر بلڪل نہ هوندا. لکڻ جو اِهو بہ هڪ ڏانءُ آهي. هڪ استاد جو لکڻ ائين ئي هجڻ گهرجي!

جيتوڻيڪ پروفيسر سليم ميمڻ لکڻ جي مقصد کي پنهنجي هٿان بنهہ پري نہ ڪيو آهي، تنهن هوندي اهڙيون لکڻيون گهٽيون ڀاڱي پڙهندڙ کي خشڪ/رُکيون لڳنديون آهن. جيڪا تحقيق جي ٻولي سمجهي ويندي آهي، پر سليم ميمڻ پنهنجي ٻوليءَ کي نهايت تخليقي، ملائم ۽ فڪشن جي آس پاس رکيو آهي، جنهن ڪري اها تحقيق جي موضوعن تي بہ تخليقي رخ ڪٽي ظاهر ٿي آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ لاءِ هڪ وڻندڙ تاثر آڻيندڙ آهي. مون کي هڪ تحقيقڪار طور سليم صاحب جا لکيل خاڪا بيحد وڻيا آهن. ان جو سبب شايد ڇُهندڙ ٻوليءَ ۾ اُهو احساس آهي، جيڪو سڌو مَنَ تي اثر ڪندو آهي. سليم ميمڻ صاحب جي مضمونن ۽ مقالن جي خوبي اِها آهي تہ اُهي پنهنجي دائري کان ٻاهر نٿا وڃن، جنهن لاءِ ادب ۾ ”تُز“ لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ اهو بہ تہ، اُهي ليک پنهنجي دائري جي ممڪن حد تائين ڄاڻ ڏيندڙ آهن. اهي دلي تسڪين ڏيڻ سان گڏ ذهني طاقت پڻ ڏين ٿا، جيڪا گهربل ڄاڻ جي حوالي ۾ آهي.

هن ۾ سليم ميمڻ صاحب جا ڪتابن تي لکيل تبصرا بہ ڏنل آهن، جيڪي تبصري هيٺ آيل ڪتاب بابت سموري معلومات ڏيندڙ آهن. جيئن تبصرو پڙهندڙ ممڪن حد تائين ان ڪتاب ۾ موجود مواد ، ٻولي، موضوع ۽ انگن اکرن کان وٺي ان بابت سموري ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. ليک پڙهڻ کان پوءِ هن کي محسوس ٿئي تہ ڄڻ هن ذکر ڪيل ڪتاب پڙهي ورتو.

پروفيسر سليم ميمڻ جي هن ميڙيءَ چونڊيءَ ۾ هڪ اڌورو سفرنامو بہ شامل آهي، جيڪو هند جي ياترا بابت لکيل آهي. جيتوڻيڪ هن ڏيهہ پرڏيهہ جا ڪيترائي سفر ڪيا آهن پر شايد هند جي سفر کيس وڌيڪ موهيو آهي، جنهن سبب اهو سفرنامو لکيو ويو آهي. شخصي طور منهنجي تجويز آهي تہ سائين ان سفرنامي کي وڌائي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ آڻي تہ هوند سفري ادب ۾ هڪ سٺي وڻندڙ ڪتاب جو واڌارو ٿي پوي ۽ گهڻن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائي وٺي.




ڪتاب ۾ هڪ ڪهاڻي/افسانو بہ شامل ٿيل آهي تہ ڪجهہ اخباري ڪالم بہ داخل ڪيل آهن ۽ يقين سان جنهن نالي ”ڪکر ۾ ڪڙو“ سان آهن، انهن ۾ مواد بہ اهڙوئي آهي، پر نہ انهن ۾ طنز آهي، نہ ڪنهن جي دل ڏکائڻ وارو لهجو آهي. ٻيءَ طرح هڪ ڳالهہ سليم ميمڻ صاحب لاءِ مشهور آهي تہ، هيءُ ڳالهہ چوڻ ۾ ڪو بہ رک رکاءُ يا نماءُ نہ ڄاڻي. هو صاف، کرو، چٽي بہ سگهندو آهي، تہ ٻڌي بہ سگهندو آهي. جيتوڻيڪ هو پنهنجي يارن دوستن سان چرچا ڀوڳ بہ ڪندو آهي، پر هر شخص سان هو ائين نہ آهي. هو هڪ استاد آهي ۽ استاد جو مرتبو هو بخوبي ڄاڻيندڙ آهي. اهو نہ رڳو سندس هيءُ ڪتاب ٻڌائي رهيو آهي، پر ان کان ٻاهر سندس زندگي بہ ٻڌائيندي آهي، تہ سندس ڪاروهنوار بہ ٻڌائيندو آهي. ائين آهي تہ اهي شخصي خوبيون جيڪي اظهاري نہ سگهجن، اهي پڻ سندس هنن لکڻين مان ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ جن هن کي ڄاتو آهي اهي سڀ ان ڳالهہ تي هڪ آهن تہ، هو هڪ اهڙو منتظم آهي، جيڪو پنهنجي هٿ هيٺ ايندڙ انتظام ۾ ڪا بہ ڪوتاهي قبول ڪري نہ سگهندو آهي. اها سندس شخصي ڪوالٽي آهي.

اِهو پڻ ممڪن آهي تہ هن پوئتي ويندڙ عمر ۾ سليم ميمڻ صاحب پنهنجي رهجي ويل ورقن کي بہ سهيڙي وٺي ۽ هڪ ٽيون جلد يا وڌيڪ جلد ”وساريل“ ورقن جا اسان جي اڳيان اچي وڃن ۽ سندن سموري ادبي ميڙي چونڊي بہ محفوظ ٿي وڃي، جيڪا ايندڙ نسلن جو نصيب بڻجي پوي. اهڙي اميد تہ رکي سگهبي ۽ اسان کي اها بہ پڪ آهي تہ سليم ميمڻ صاحب جيڪا ڳالهہ ڪندو آهي اها ڪري بہ ڏيکاريندو آهي.

هي ڪتاب پڙهندڙ ان مان ڪيترو پرائي سگهندا، اهو هر پڙهندڙ جي اپروچ تي مدار رکي ٿو، پر يقين آهي تہ هيءُ ڪتاب فڪشن کان ٻاهر آهي، ان ڪري پڙهڻ لاءِ وقت ۽ سنجيدگي گهرندو، جنهن جي کوٽ اسان کي شدت سان محسوس ٿيندي آهي. ڪنهن بہ ليکڪ لاءِ اها ذهني تسڪين، اول ۽ آخر، گهٽي آهي تہ سندس ڪتاب ڌيان سان پڙهيو وڃي ۽ ان مان ڪجهہ حاصل ڪيو وڃي، خاص طور هڪ استاد تہ اهائي توقع رکندو آهي. ڪتاب ”ورکريل ورق“ جي آخر ۾ ڪجهہ اردو ليک پڻ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي الڳ الڳ موضوعن، تي الڳ الڳ وقتن تي لکيا ۽ ڇپايا ويا آهن. ائين هڪ لاجواب ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي.

463 صفحن واري هن ڪتاب جو مهاڳ اسان جي اڪابر استاد خاتون ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ لکيو آهي ۽ اردو ۾ ڪجهہ پنا نامياري ليکڪ ۽ صحافي محمود شام صاحب لکيا آهن. ائين ٻنهي ٻولين جي نمائندگي ڪندڙ هيءُ اهم ڪتاب پيڪاڪ پبلشرس شايع ڪيو آهي. ■

ڪتاب: ”قاتل ڪهاڻين جا پرزا“ (ڊرامائي ناول) _ ليکڪ: بيدل مسرور

# هڪ ناول ۾ ڪيئي ڪهاڻيون


**بيدل مسرور جو هيءُ ڊرامائي ناول پنهنجي نالي وانگر دلچسپ ۽ انوکو آهي، جنهن ۾ سنڌي سماج جي هزارين پُورين توڙي اڌپورين ڪهاڻين جا ٽڪرا ڏنل آهن. هن ڊرامائي ناول جي اسٽيج ڪراچيءَ جو شهر ۽ هڪ بازار آهي، جتي مختلف ڪردار اچن ٿا، وڃن ٿا ۽ پنهنجا ڏک، الڪا، پريشانيون ۽ سور ظاهر ڪري وري چپ ٿي وڃن ٿا. هن ناول ۾ هدايتڪار نالي ڪردار اسٽيج تي اچي مختلف سانگ رچائڻ جا اعلان ڪري هدايتون ڏيندو رهي ٿو.**



مصور حسين

بيدل مسرور بدوي صاحب پلي ڪٽي سڄي سنڌ ۾ شيخ اياز جي نظم ”مان ڏوهي هان ڏوهي هان“ ۽ اياز جي ٻي شاعري ڳائڻ جي حوالي سان مشهور هجي پر هو بنيادي طور حقيقت نگار ليکڪ آهي. هيءُ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي شعبن ۾ پاڻ مڃائيندڙ شخص آهي، جنهن اڌ صديءَ کان وڌي عرصي تائين آرٽ جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري پاڻ مڃايو آهي ۽ اڃان ٿڪو ناهي. ڳائڻ هجي يا لکڻ؛ هن ٻنهي دنيائن سان نينهن جو ناتو جوڙي رکيو آهي. سندس سڃاڻپ جو هڪ سگهارو حوالو پي ٽي وي بہ رهيو آهي، جتي هن پروڊيوسر جي حيثيت ۾ پنهنجو رت ست ڏئي ڪيترائي سنڌي پروگرام ۽ ڊراما ڪرايا. هن ڪوئيٽا سينٽر تان پڻ ڪيترائي پروگرام ڪيا، جن ۾ خاص طور تي براهوي زبان جا پروگرام شامل هئا.


تازو سندس ناول ”قاتل ڪهاڻين جا پرزا“ شايع ٿيو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ڊرامائي ناول آهي. ان حوالي سان سنڌي ادب ۾ ناول جو هڪ نئون نمونو ظاهر ٿيڻ پڪ سان هڪ خوشيءَ جي خبر آهي. بيدل مسرور صاحب جا هن کان اڳ ۾ ٽي ناوليٽ: ”راڻي، “ ”آءِ لَو يُو“ ۽ ”چاهتن جي ٽواٽي تي“، ڇپجي چڪا آهن. پاڻ ڪيتري وقت کان ڪهاڻيون پڻ لکندو پيو اچي. ان کان سواءِ مختلف ڪتابن تي سندس تنقيدي مضمون ۽ رايا پڻ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن.



مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ، هو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ لڳ ڀڳ گهڻا ڪتاب پنهنجي پئسن سان وٺي نہ صرف اهي پڙهندو آهي پر انهن تي رايا لکي فيس بڪ تي بہ رکندو آهي. ان حوالي سان چئي سگهجي ٿو تہ، هو سنڌي ادب جو مستقبل پڙهندڙ بہ آهي.

سندس هيءُ ڊرامائي ناول پنهنجي نالي وانگر دلچسپ ۽ انوکو آهي، جنهن ۾ سنڌي سماج جي هزارين پُورين توڙي اڌپورين ڪهاڻين جا ٽڪرا ڏنل آهن. هن ڊرامائي ناول جي اسٽيج ڪراچيءَ جو شهر ۽ هڪ بازار آهي، جتي مختلف ڪردار اچن ٿا، وڃن ٿا ۽ پنهنجا ڏک، الڪا، پريشانيون ۽ سور ظاهر ڪري وري چپ ٿي وڃن ٿا. هن ناول ۾ هدايتڪار نالي ڪردار اسٽيج تي اچي مختلف سانگ رچائڻ جا اعلان ڪري هدايتون ڏيندو رهي ٿو. ڪڏهن هو گناهپور صوبي جي ڳالهہ ڪري ٿو، تہ ڪڏهن ڪراچيءَ جي شهر ڪي رت سان وهنجارڻ جون هدايتون پنهنجي اسسٽنٽ ۽ ٻين کي ڏيندو رهي ٿو. اهڙيءَ ريت هن ناول ۾ فنانسر جو ڪردار پڻ شامل آهي، جيڪو سنڌ ۽ سنڌين خلاف مختلف منصوبن جي لاءِ ڏوڪڙ ڏيندو رهي ٿو. ناول ۾ ڪردارن جي گهڻائي هوندي بہ مک ڪردار واضح ۽ چٽا آهن. اداڪار نمبر 1، جيڪو سنڌي آهي، موسيقار ۽ ليکڪ، جيڪو نہ صرف سنڌ جو پر پوري دنيا جو عظيم لڪاري هجڻ جي خوشفهميءَ ۾ ورتل آهي، سي مرڪزي ڪردار آهن.

هن ناول جي ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال سنڌ جي گذريل ستر پنجهتر سالن جي تاريخ آهي، جنهن ۾ سنڌ جا شهر سنڌين لاءِ اجنبي بڻجي وياءِ سنڌي ماڻهن کان سنڌ جا مالڪاڻا حق کسي کين ٽين درجي جي شهريءَ واري حيثيت ڏني وئي. انهن ستر پنجهتر سالن ۾ سنڌ سان جيڪو ڪجهہ وهيو واپريو، سو هن ناول جو پلاٽ چئي سگهجي ٿو. هن ناول ۾ هڪ نہ پر سوين ڪهاڻيون آهن، جن جا پرزا پرزا ڪتاب جي ورق ورق تي وکريل آهن. انهن ورقن ۾ سنڌ اندر سنڌي ماڻهن جي نڌڻڪائي پڌري پٽ پيل آهي. سنڌي ماڻهن سان پيرن، ميرن ۽ وڏيرن جيڪي ويل وهايا آهن، تن جو عڪس پڻ هن ناول ۾ ڏسي ۽ پڙهي سگهجي ٿو. سنڌ جا ڳوٺ انهن وڏيرن ۽ انهن جي واڻن جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهن. هيڏانهن سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن سان جيڪو سلوڪ ڪيو پيو وڃي ۽ ڪين شهر مان ڪڏي ڳوٺ واپس موڪلڻ لاءِ جيڪي سانباها ٿين پيا، تنهن جي عڪاسي بہ هن ناول ۾ ڀرپور نموني ٿيل آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي تباهي ۽ بربادي جي مڪمل تصوير چٽيل آهي، پر اها ٽڪرن ٽڪرن ۽ پرزن پرزن ۾ ڏنل آهي. ناول نگار جي اها ٽيڪنيڪ پڙهندڙ لاءِ ناول ۾ دلچسپيءَ جو سبب بڻجي ٿي.




ناول ۾ ڪٿي ڪٿي جادوئي حقيقت نگاري توڙي سرريئلزم جا منظر بہ ملن ٿا. ساڳئي ريت ناول جي واقعات ۾ حقيقت نگاري جو رنگ پڻ ڏسي سگهجي ٿو. سنڌي سماج جون سوين ڏکائيندڙ ڪهاڻيون، واقعا، حادثا ۽ ناانصافيون هن ناول جي پنن تي وکريون پيون آهن. ايئن تہ ناول نگار ضياءَ دور ۾ سنڌي قوم خلاف پيدا ڪيل مصيبت_ دهشتگردن جي تنظيم، ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ ان دور توڙي ان کان پوءِ ٿيل قتل عام کي پڻ هن ناول ۾ شامل ڪيو آهي. بيدل مسرور صاحب پنهنجي زباني هڪ شاندار جملو چورايو آهي، جيڪو ان سڄي صورتحال ۽ سنڌي قوم جي بيوسيءَ کي ظاهر ڪري ٿو: ”هندو پائر تہ پارت لڏي ويندا پر اسان ڪاڏي وينداسين.“ اهڙي ريت سنڌ ۾ افغانين جي آبادڪاري بابت هڪ ڪردار هن ريت پنهنجا ڏک سور ظاهر ڪري ٿو: ”شناختي ڪارڊ افغانين لاءِ سستا ٿا ٿين، ڌرتي ڌڻين جا راشن ڪارڊ بہ رد ڪيل آهن. افغانين بہ سنڌين کي ريڊ انڊين بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“ سنڌ ۾ امن امان جي خراب ٿيل صورتحال جي عڪاسي پڻ ڪيل آهي. ناول ۾ اکيچار مڪالما ۽ جملا اهڙا آهن، جيڪي احساسن کي جهنجهوڙي ڇڏين ٿا، مثال طور:

”لفظ تہ ناڪئا هوندا آهن، جيڪي پتڻ تي ايندڙ هر مسافر کي پار اڪاريندا آهن.“

- ”هن پنهنجا خواب پاريهل جي پيرن ۾ ٻڌي ڇڏيا. ديس جا در دريون آءِ سي يو ۾ آڪسيجن تي ساهہ کڻڻ لڳا.“
- ”مان شراب نہ پيئندو آهيان، چاڪاڻ تہ مان سنڌوءَ جو پاڻي پيئندو آهيان.“
- ”هر ٽيج پيئندڙ عظيم نہ ٿيندو آهي، غدار بہ ٿيندو آهي.“
- ”غريب ماڻهو مسافرن جي ان ڇڪڙا ريل وانگر هوندا آهن، جن جي نہ ڪا اسٽيشن هوندي آهي نہ سگنل.“

ناول ۾ سنڌو درياهہ تي بند ٻڌڻ ۽ سنڌ جي ادبي سياسي ۽ معاشي حالتن جي پڻ عڪاسي ٿيل آهي. ■

”پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز، گمبٽ، خيرپور ميرس“

# 1934ع ۾ ٻن ڪمرن کان شروع ٿيل ڊسپينسري اڄ 300 بسترن جي شاندار اسپتال آهي



آفتاب سومرو

اڄڪلهه سوشل ميڊيا تي لڳ ڀڳ هر حوالي سان جهجهي معلومات موجود آهي. ظاهر آهي ته ان جا ذريعا ۽ وسيلا وسيع ۽ تيز آهن. انڪري ئي مان پنهنجو اندر اوريندو آهيان ته. مان ڇا ڏٺو؟ ڇا سمجهيو؟ باقي جنهن حوالي سان لکجي ٿو ته. انهن ماڳن ۽ ادارن جي گهربل معلومات ته ضرور ڏيڻي پوي ٿي. ان ۾ ڪوشش هوندي آهي ته مستند معلومات ڏجي. پيو ته مان جتي به هجان، اهو هنڌ ۽ پرپاسو ضرور گهمي ڏسندو آهيان ۽ عام ماڻهن، جن جو اتي گهڻو واسطو رهي ٿو، انهن جا حال احوال ڪڍهن چپ ڪري ٻڌندو آهيان ۽ پرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. جي وري ڪچهريءَ جو موقعو ملي ته ضرور انهن سان ڪچهري ڪري وٺندو آهيان.

روسي ڏاهي پليخانوف پنهنجي ڪتاب ”فرد جو تاريخ ۾ ڪردار“ ۾ لکيو آهي ته. برابر سماجي تبديلي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ماحول تي دارو مدار رکي ٿي، پر فرد جي ڪردار کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي.“ فرد گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو، پر ظاهر آهي ته هو ان سماج جي حدن جي اندر ئي رهي ڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪندو.

اڄ بين الاقوامي سطح جي هيءَ اسپتال، جيڪا 1934 ۾ ٻن ڪمرن تي مشتمل، هئي ۽ جتي صرف او پي ڊي جي سهولت هئي، اڄ 300 بسترن جي شاندار اسپتال آهي، جنهن ۾ وڌيڪ 200 بسترن جو ڪم جاري آهي. اڄ هتي هر بيماريءَ جو علاج ماهر ڊاڪٽرن هٿان ماڊرن طريقن سان، ماڊرن ليبارٽريز ۽ عمده مشينرين ذريعي ٿئي ٿو. جگر، دل، گُردن، گوڏن ۽ گوڏن جي مَک جي تبديليءَ کان وٺي ٽي بي، ڪينسر ۽ نفسياتي بيمارين جو پڻ بهترين علاج ٿئي ٿو ۽ مريضن کي شفا ملي ٿي. هينئر هتي دوائن جو ڪارخانو پڻ ٺهي رهيو آهي، جتي اعليٰ معيار جون دوائون ٺاهيون وينديون.

”پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز، گمبٽ جي ڊگهي ڪاميابيءَ تي ، جي مختصر نظر وجهجي ته 1934ع کان 1990ع تائين هيءَ ٻن ڪمرن جي هڪ ڊسپنسري هئي، جنهن کي 1980ع ۾ تعلقه ماڊل اسپتال ظاهر ڪيو ويو. سن 2000ع ۾ سنڌ جي گورنر ان کي ترقي ڏيئي ان جو نالو ”پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز“رکي سنڌ حڪومت جي انتظام هيٺ آندو. 2005ع ۾ هتي ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيو ويو. ان جي بهتر ڪارڪردگيءَ جي ڪري سنڌ حڪومت ان جو درجو وڌائيندي ان کي ڊگري ايوارڊ ڪرڻ جي منظوري ڏني. ان جي مسلسل بهترين ڪارڪردگي ۽ نتيجن کي مڃتا ڏيندي هائر ايجوڪيشن ڪميشن ان جي حق ۾ ”نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ“ جاري ڪيو. هاڻي هيءُ سنڌ حڪومت جو هڪ خودمختيار ادارو آهي.

اها ڳالهه ڪنهن کان به ڳجهي نه آهي ته اهي سڀ ڪاميابيون محترم ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽيءَ جي اڻٿڪ محنتن، سچائي ۽ ديانتداري جو نتيجو آهن. اهڙي طرح هن اسپتال جي خوبصورت عمارت، جنهن ۾ ڪيترائي وارڊ، ليبارٽريز، عملي جي ويهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جون جايون، مسجد، جنهن ۾ هڪ اندازي مطابق هڪ هزار نمازي نماز پڙهي سگهن ٿا، عملي جون رهائشگاهون، چوڪرين ۽ چوڪرن جون هاسٽلون، جِم ۽ راندين جون جايون، اهي سڀ وڏي مهارت ۽ خوبصورتيءَ سان جڙيل نظر اچن ٿيون. اهي وري انجنيئر الاهي بخش سومري جي محنتن جو نتيجو آهن. هو پيري ۽ بيماريءَ جي ڪري وڌيڪ وقت ڏيڻ کان معذرت به ڪندو رهيو آهي، پر سائين رحيم بخش ڀٽي صاحب هن جي ڪارڪردگي، مهارت ۽ ايمانداريءَ جي ڪري هن جي صورتحال مطابق ڪيس مختلف سهولتون ڏئي نيڪيءَ جي ڪم ۾ گڏ ڪنيو اچي. مون هميشه هنن ٻنهي کي صبح کان شام تائين اسپتال جي ڪم ۾ مگن ڏٺو. خبر ناهي ماني ڪهڙي مهل ٿا کائن، ۽ آرام ڪهڙي مهل ٿا ڪن؟



هت ٽي بي سينٽر، برن سينٽر، ٽراما سينٽر، ڊجيٽل لائبريري، وليج هيلٿ ڪلينڪس (گمبٽ ۽ ناريءَ جي رڻ ۾) ۽ ماڊرن بلڊ بئنڪ کان علاوه ڪيترائي ننڍا وڏا شعبا ڪم ڪن ٿا، جتي نه صرف سنڌ پر پوري پاڪستان جا ماڻهو علاج لاءِ اچن ٿا ۽ صحتمند ٿي وڃن ٿا. مون هتي اپردير، موساخيل، ڪوهلو ۽ ڪشمير جا مريض به ڏٺا. هت ٽريننگ سينٽر پڻ آهي ۽ مختلف حوالن سان تحقيق پڻ جاري آهي، خاص طور مختلف بيمارين جي ويڪسين ٺاهڻ جي. ڊجيٽل لائبريري پڻ آهي، جنهن مان صرف تحقيق ڪندڙ نه، پر ٻيا به علم حاصل ڪن ٿا. هتي مختلف ورڪشاپس کان علاوه زندگيءَ کي صحتمند رکڻ ۽ سکڻ سيکارڻ جي اپائن جهڙوڪ اسپورٽس ويڪ، ورلڊ بريسٽ فيڊنگ ڊي، روڊ سيفٽي سيمينار ۽ مريضن سان کُليون ڪچهريون وغيره جو انتظام ڪيو وڃي ٿو. مون کي هتي هن ڪلراٺي زمين ۾ هڪ چپو به ساوڪ کان خالي نظر نه آيو. هر پاسي هر جڳهه تي گُل ٻوٽا ۽ سُهڻا وڻ خاص طور ڪجيون جيوميٽريءَ واري ترتيب ۾ نظر آيون، جيڪي روح کي راحت بخشين ٿيون. اڌ بيماري ته انهن جو مزو ماڻيندي پڄي وڃي ٿي. هت ميوا ۽ سبزيون به پوکيون وڃن ٿيون، جن کي يوريا ۽ دوائن کان پاڪ رکيو وڃي ٿو. اهو سمورو شوق ڀٽي صاحب جو آهي. هتي ئي بحريه وارن جو دسترخوان آهي، جتي ضرورتمندن کي سُنو ڪاڌو پڻ ملي ٿو. دراصل هن اسپتال، گمبٽ جو نقشو بلڪ تاريخ ئي بدلائي ڇڏي آهي.

هتي هڪ ٻي ڳالهه جو به ذڪر ڪندو هلان ته. مان ماڻهن سان لهه وچڙ جي حوالي کان (درست معلومات لاءِ) مختلف حوالن سان آيل ماڻهن سان به ڳالهه ٻولهه ڪندو هيس. ماڻهن کي وڏ کان وڏ اها ئي شڪايت هئي ته. ”سائين اسان پري پري کان آيا آهيون، هيترو وقت ٿي ويو آهي، اڃان ٽيسٽ جو نتيجو ناهي مليو. ڊاڪٽرن کي ڏيکارڻ جو وارو ناهي آيو.“ اها شڪايت به اوپي ڊيءَ جي حوالي سان هئي. اتي پيهه به حد کان وڌيڪ هئي. ڊاڪٽر صاحبن جو چوڻ هيو ته. اسان ڪوشش ڪندا آهيون ته. هر ڪنهن کي پنهنجي واري تي موقعو ڏجي، نه ته پوءِ هن اسپتال جو حشر به ڪوڙ ٻين اسپتالن جهڙو ٿي ويندو. منهنجو مشاهدو به اهو هيو ته معمول جي برعڪس هت عملو تعاون ڪري پيو. گهڻن هنڌن تي ڏيان ڇڪايو ويو هيو ته. ”هت گند نه اڇلايو. گٽڪي ۽ پان جون ٽڪون نه ڦٽي ڪيو.“ پر ماڻهن طرفان ٻنهي شين جي پچڪڙي گهڻن هنڌن تي نظر آئي.

ڪينسر وارڊ کي سنڀاليندڙ انتهائي ذهين ڊاڪٽر سيد سبطين شاهه کي مون ايترو مصروف ڏٺو جو ڪيس شايد پنهنجي وجود جو به احساس نه هوندو. بهرحال مون موقعو ڪڍي سائينءَ کان پڇيو ته. .پاڪستان ۾ ڪينسر تيزيءَ سان وڌندي ٿي وڃي، ان کان بچڻ جا ڪي اپاءَ آهن؟“ هن ان جو بنيادي سبب ڪچري جي مناسب بندوبست نه هئڻ کي قرار ڏنو، خاص طور اسپتالن جي ۽ ويم وغيره ۾ استعمال ٿيندڙ شيون. سندس چواڻي، جي ان جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي ته هر سال جيري جي پيوندڪاريءَ تي ايندڙ خرچ جو چوٿون حصو مس خرچ اچي، ڇو ته گهڻي ڀاڱي جگر جي ڪينسر ڦهلجي ٿي ۽ ان جو خاص سبب اهو ڪچرو آهي. ان جو جي بندوبست ٿئي ته جگر جي پيوندڪاري بند به ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح فزيوٿراپي جي انچارج ڊاڪٽر ابرار سومري جو چوڻ هيو ته. جي هر ماڻهو روز ڏهه منٽ به عضون کي هڪ ترتيب سان چوري پوري ته نوي سيڪڙو سنها سُڪا سور، جن لاءِ ڏهه ڏهه ڏينهن فزيوٿراپي ڪئي وڃي ٿي، ان جي ضرورت ئي نه پوي.

ٻي وڏي ڳالهه جنهن جو به هتي ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته. هن اسپتال ۾ سنڌ حڪومت يا مقامي طاقتن جي مداخلت نظر نه آئي. جي هوندي به ته نه هئڻ جيتري، اها به لڪل.



سنڌ سرڪار جي صحت جي سهولتن بابت مختلف ڳالهيون جتي ڪٿي ذڪر ٿين ٿيون، پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته جي گمبٽ جي اسپتال ٻن ڪمرن مان بين الاقوامي معيار جي اسپتال ٿي سگهي ٿي ته، باقي ٻيون اسپتالون ڇو نه ٿيون ٿي سگهن؟ خبر اها به آهي ته. ساڳين فنڊز ۽ مراعتن واريون ڪُجهه ٻيون اسپتالون بيحسي ۽ تباهيءَ جي ور چڙهيل آهن. جيستائين فردن جي سخاوت ۽ چڱ ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي ڳالهه آهي ته. سنڌ ۾ اهڙا مثال ڪوڙ آهن. ادارا ٺاهڻ جي حوالي سان راءِ بهادر اوڌو داس ۽ ڏيارام گدو مل کان وٺي حسن علي آفندي ۽ علامه آءِ آءِ قاضي کان وٺي اديب رضوي تائين ڪيترين ئي شخصيتون آهن. ان ئي ڏس ۾ ”گمس ۽ سائين رحيم بخش ڀٽي“ اسان جي سامهون آهن، پر جي مثالي فرد ۽ اسان چاهيون ٿا ته، جي اهي ادارا، انهن فردن کانپوءِ به اهڙي طرح بلڪ ان کان به وڌيڪ سيبتي نموني ترقي ڪن ته پوءِ ان لاءِ سٺي سوچ رکندڙ ماڻهن جي متبادل ٽولي تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي، بلڪ انهن انسان دوست ماڻهن کي پنهنجا پنهنجا پاڻ جهڙا ماڻهو جيتري حد تائين ٿي سگهي، تيار ڪرڻ گهرجن. اتي گهڻن ماڻهن کي مون اهو سوال ورجائيندي ٻڌو ته الله سائين ڀٽي صاحب کي وڏي ڄمار ڏئي، پر ان کانپوءِ ڇا ٿيندو؟ الائي ڇا ٿيندو؟■



اڄ هتي هر بيماريءَ جو علاج ماهر ڊاڪٽرن هٿان ماڊرن طريقن سان، ماڊرن ليبارٽريز ۽ عمده مشينرين ذريعي ٿئي ٿو. جگر، دل، گُردن، گوڏن ۽ گوڏن جي مَک جي تبديليءَ کان وٺي ٽي بي، ڪينسر ۽ نفسياتي بيمارين جو پڻ بهترين علاج ٿئي ٿو ۽ مريضن کي شفا ملي ٿي. هينئر هتي دوائن جو ڪارخانو پڻ ٺهي رهيو آهي، جتي اعليٰ معيار جون دوائون ٺاهيون وينديون.

# ڪاڇي ۾ مقامي راندين ۽ سگهڙ ڪچهرين جي سهائتا ڪرڻ جي گهر: سگهڙن ۽ ڏات ڌڻين جي مالي مدد ڪرڻ جو به مطالبو



رپورٽ: عباس جنگواڻي

تصويرون: آصف جمالي



فيبروري مهيني ۾ منعقد ڪيل ”پهرين ڪاڇو فيسٽيول“ جي پهرئين ڏهاڙي جون تقريبون ڪاڇي جي شهر ڊرگهه بالا ۾ وساريل راندين کي هڪ ڀيرو ٻيهر جيئرو ڪرڻ لاءِ ترتيب ڏنيون ويون هيون . ميلي جو افتتاح ڪاڇي جي تعليمي ماهر ۽ ڪاڇي جي تاريخ جي گهري ڄاڻ رکندڙ عبدالفتاح ڏاهري ۽ ميلي جو انتظام ڪندڙ ’لوڪ ادب ورثو ويلفيئر آرگنائيزيشن‘ جي سربراهه شبير لاشاريءَ ڪيو، جڏهن ته رئيس نظير خان لنڊ، صحافي جي.ايم لنڊ، صحافي آصف جمالي، سماجي اڳواڻ احسان برهماڻي ۽عباس جنگواڻي پڻ موجود رهيا.

مختصر خطاب ۾ اڳواڻن چيو ته، ڪاڇي جهڙي علائقي مان روائتي رانديون ختم ٿينديون پيون وڃن، تنهن ڪري انهن کي بچائڻو پوندو ته جيئن ايندڙ نسل پنهنجي ثقافتي ورثي کان واقف ٿي سگهي. اڳواڻن چواڻي، ڪاڇي جون صديون پراڻيون رانديون ونجهه وٽي، ڪوڏي ڪوڏي، ڏاڪي جهومر ۽ ملهه سان گڏ انن جي ڊوڙ موڪلائڻ تي آهي، ان لاءِ ڪاڇي جي نوجوانن کي پنهنجين روايتي راندين کي بچائڻ لاءِ حقيقي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. پهرين ڏهاڙي واري تقريب ۾ ڪاڇي جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سون جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي.





پروگرام جي شروعات انن جي ڊوڙ سان ٿي. ان سان گڏ ڪاڇي جي مختلف ڳوٺن سان تعلق رکندڙ مقامي ملهه پهلوانن به ميدان سجايا

ان بعد ونجهه وٽي ۽ ڪوڏي ڪوڏيءَ جا مقابلا ٿيا. ڪاڇي جي مقامي فنڪارن پڻ ڪاڇي جي امن، آجپي ۽ سڪار بابت گيت ڳائي ماڻهن جي ڇهرن تي مرڪون وکيريون.

ڪاڇي فيسٽيول جي ٻئي ڏهاڙي تي

مقالن، شاعري ۽ سگهڙ ڪچهريءَ جون ويهڪون ٿيون ۽ آخر ۾ محفلِ موسيقي جو بندوبست هئو. جوهي شهر، ڪاڇي جو جنڪشن شهر جي حيثيت رکندڙ آهي. منجهند جو ٻي وڳي شروع ٿيل پروگرام جي پهرين نشست جي صدارت عبدالفتاح ڏاهريءَ ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان طور ڪاڇي سان تعلق رکندڙ صحافي قادر لاشاري شريڪ ٿيو هو. جوهيءَ جي اديبن ۽ شاعرن: خليل عارف سومري، پلوڙ شاعر استاد غمگين يامين ٻبر ۽ شبير لاشاريءَ شرڪت ڪئي. ان سيشن جو ماڊيٽر عباس جنگواڻي هئو.

ان ويهڪ ۾ شريڪ شخصيتن ڪاڇي جي تاريخ، ادب، سماجي اٿل پٿل ۽ ڪاڇي جي قدامت سان گڏ ان جي ماڳن مڪانن، گورک هلز اسٽيشن، منڇر، حمل ڍنڍ، ماڙي ڪڙ جي ڏڙي، ٻنجو آبشار، مير الهيار خان ٽالپر ۽ جنگو جنگواڻيءَ جي مقبرن جي ميسارجي ختم ٿيڻ سميت ڪاڇي جي وال ٽاور طور استعمال ٿيندڙ قديم ٺلهن تي تفصيلي مقالا پڙهيا. مقررين مطالبو ڪيو ته، ڪاڇي مان ڪنڊي، ڄار، ڄاڱري ٻيرن ۽ ٻيرن سميت مقامي وڻن جي واڍي بند ڪرائي وڃي، ته جيئن ڪاڇي جهڙي گرم علائقي کي ٻوڙن ۽ سوڪهڙي کان محفوظ رکي سگهجي.

مقالن ۾ چيو ويو ته، ڪاڇو تاريخي طور سنڌ جو سئنيما گهر آهي. ڪاڇي جي ماڳن مڪانن تائين عام سياح جي پهچ ممڪن بڻائڻ سان ئي ڪاڇي جا تاريخي ماڳ مڪان ترقي ڪري سگهندا.

سنڌ سرڪار ڪاڇي جي قديم ماڳن مڪانن کي قومي ورثي ۾ شامل ڪرائڻ واسطي سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪري جيئن ڪاڇي جا تاريخي دڙا ۽ ٿلهڙا سياحت جو سبب بڻجن.



ڪاڇي جي صديون پراڻن ڳوٺن ۽زرعي، باراني زمينن ۽ چراگاهن کي روينيو ڪاتي جي مدد سان سنڌ ڳوٺ آباد اسڪيم تحت رجسٽرڊ ڪرائي مالڪاڻا حق ڏياريا وڃن. گورک، منڇر، ٻنجو آبشار ۽ پپراسر جهڙن سياحتي ماڳن مڪانن جي ترقي تي خاص ڌيان ڏيئي انهن کي سياحت لائق بڻايو وڃي.





مشاعري جي نشست جي ميزباني جوهيءَ جي شاعر خليل عارف سومرو ڪئي، جڏهن ته صدارت ڪاڇي سان تعلق رکندڙ شاعر غمگين يامين ٻبر ڪئي، خاص مهمان طور استاد طالب قمبراڻي ۽ پلوڙ شاعر زين ڪوسو کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. اعزازي مهمانن ۾ ٻاجهي لغاري، مير محرم لغاري ۽ شرف الدين پنهور شامل هيا. جڏهن ته ڪاڇي سان تعلق رکندڙ نوجوان شاعرن: مشتاق مدهوش ٿهيم، ڊاڪٽر رفيق بلوچ، منظور روڊناڻي، عبدالله برهماڻي، سانوڻ چانڊيو، فيض مهراڻ چانڊيو، جاني جان محمد برهماڻي، تنوير عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻين شاعرن پنهنجا خيال پيش ڪري محفل کي موهي وڌو.

ان کان پوءِ سگهڙ ڪچهري ٿي، جنهن جي ميزباني صحافي شبير لاشاريءَ ڪئي.

ان ۾ ڪاڇي جي نالي واري سگهڙن.

سانوڻ فقير چانڊيو، عبدالرحيم بروهي، الغوزي نواز مريد لاشاري،

سگهڙ حاجي چانڊيو، محمد شريف برهماڻي ۽ ملنگ فقير مگڻهار سميت ڪيترن ئي سگهڙن ڳجهارتون، ڏور، نڙ بيت ۽ سينگار ڏنا.

ان موقعي تي چيو ويو ته سگهڙ ڪچهرين جي واڌاري لاءِ هر سال سرڪاري سطح تي ڪاڇي ۾ سگهڙن جون ڪچهريون ٿيڻ گهرجن. ان سان گڏ سنڌ جو ثقافت کاتو ڪاڇي جي سگهڙن ۽ مسڪين ڏات ڌڻين جي مالي سهائتا ڪري.

پروگرام جي آخر ۾ رات جو تائين مقامي فنڪارن. ڳهٽو ٻبر، احسان لاشاري، ڪرامت فقير برهماڻي، عبدالله برهماڻي، مجنون فقير مگڻهار، محمد لاشاري، عبدالغفور جسڪاڻي ۽ خان صاحب عبدالفتاح ڏاهري گيت ڳائي ماڻهن کي خوش ڪيو ۽ ڪاڇي جي ماڻهن جي خيريت امن لاءِ دعائون گهريون. آخر ۾ فنڪارن توڙي سگهڙن ۾ انعام ۽ اعزازي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ■








# هڪ صديءَ جو تعليمي سفر







حافظ مهراڻ



بهار رُت جي پليڪار وارن ڏينهن سنڌ جي سرحدي ڪنڌي ڪناري اڏيل ڳوٺ واوڙي اولڊ، جيڪو ٻن ملڪن جي تاريخي سرحدن تي هڪ اهڙو تاريخي ماڳ آهي، جنهن جي پنهنجي نرالي تاريخ آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ جڏهن هن تاريخي ماڳ تي ڪراچيءَ مان تعليم کاتي جي مانيٽرنگ شعبي مان آيل اعليٰ عملدارن سان گڏ سنڌ جا تاريخدان هن مختصر تقريب ۾ شريڪ ٿيا هئا، جيڪا هڪ اسڪول جي افتتاحي تقريب هئي، پر جڏهن تقريرن جو سلسلو شروع ٿيو ته پهرين تقرير امان جيجل ايليمينٽري اسڪول واوڙي اولڊ جي ننڍڙي فائز مهراڻ مختصر ۽ جامع انداز ۾ ڪندي سنڌ جي قادر الڪلام شاعر حافظ حامد ٽڪڙائي ڪي جو ياد ڪيو ته تاريخ جا به اهڙا ڪردار پنڊال ۾ ويٺل، سنڌ جي تاريخدانن کي ياد پئي آيا، جن جو ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان هنن تاريخي پڊن تي اثر رهيو آهي، پر ان معصوم نياڻيءَ جڏهن تعليم جي اهميت ۽ افاديت تي ڳالهيون ڪندي دنيا جي تاريخ جا حوالا پئي ڏنا ته، اڄ فلسطين جنهن کي بارود جي دونهين رک ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ تاريخي ڪَٿا کي سمجهڻ لاءِ بابل ۽ نينوا جو هڪ ڪردار نبوڪد نضر جو مثال تاريخ ۾ عيان آهي، جنهن کي سوپ ان وقت ملي هئي، جڏهن آشوري شام ۽ فلسطين کي خالي ڪري ويا هئا.

اسڪول جي ان ننڍڙيءَ حيران نه تڏهن ڪيو جڏهن هن جوشيلي انداز سان هي لفظ چيا ته،"بابل دنيا جو عاليشان خوبصورت شهر هو، نبو ڪد نضر کي جيترو شوق پنهنجي شهنشاهيءَ کي بچائڻ جو هو، اوترو ئي شوق پنهنجي گاديءَ کي شان ۽ شوڪت سان رکڻ وارو به هو. نبو ڪد نضر پنهنجو محل ڪيترن ئي ڪليل ميدانن جي وچ ۾ ٺهرايو هو. انهيءَ جي هڪ حصي جي ڇت جي ٿَلهي تي باغ پوکرايائين. انهيءَ ئي باغ کي يوناني سياحن بعد ۾ آڳاٽي دنيا جي ستن عجوبن مان هڪ عجوبي جو نالو ڏنو، پر اڄ دنيا اهڙن بادشاهن کي پلجي به ياد نه ٿي ڪري، ان جي پيٽ ۾ جنهن تعليم جو ڪو ننڍڙو ڏيئو ئي ٻاريو، ان کي تاريخ ۾ ياد ڪيو پيو وڃي.

ياد رهي ته واوڙي اولڊ جي تاريخي پڊن تي هيءَ تقريب هڪ صديءَ جي علمي تسلسل جي هڪ ڪڙي هئي. هن تاريخي ڳوٺ ۾ پهريون مڪتب 1869 ع ڌاري يعني 1279 هجري ۾ قائم ٿيو هو، جنهن جو پهريون معلم آخوند محمد قائم چوهاڻ، تالسر راجستان انڊيا جو هو. ان کان پوءِ ٻيو استاد ڪپري مان سانگي ٿي آيل آخوند الهداد نقرچ هو، جيڪو سنڌ جو عظيم شاعر به هو. پير حزب شاهه مسڪين، جنهن جو فارسي زبان ۾ "ديوان مسڪين" جي نالي سان مشهور ڪتاب آهي، ۽ جنهن لاءِ پير حسام الدين راشدي صاحب لکيو آهي ته، "ڪاش! ديوان مسڪين تي ڪنهن عالم فاضل کي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ ملي ها ته، ايران جي سرحدن تائين هن شاعر جون صدائون پهچن ها." بس اهو هڪ وڏو موضوع آهي، جنهن تي سنڌ جا تاريخدان اڃان ڪنهن اهڙي محقق جا منتظر آهن. ان کان پوءِ هن مڪتب ۾ آخوند محمد لقمان مهراڻ، آخوند محمد بچل گجو مٺي ويري وارو، حافظ احمد ساند راجستان، آخوند عبن سميجو راجستان، آخوند عبد ولد عبد الحڪيم چنو ٻلهياري، ان کان پوءِ هن ڳوٺ جو نيڪ سيرت انسان آخوند الهڏتو مهراڻ استاد ٿيو، جنهن نه صرف هن مڪتب کي وڌايو، پر اڳتي هلي 1926 ع نيشنلائيزڊ مسلم اسڪول جي نالي سان ادارو رجسٽرڊ ڪرايو، جنهن لاءِ وڏي جدوجهد ڪري پاڻ 1929 ع ۾ ميرپورخاص مان ٽريننگ حاصل ڪري اها سند ماڻي آيو، جنهن تحت ادارو هلائڻ جي قابل بڻيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ حڪومت پاران هن ڳوٺ ۾ هڪ زنانو اسڪول به منظور ٿيو هو، جنهن سان ان دور ۾ عورتن کي تعليم ڏني ويندي هئي. هن ڳوٺ جو اهو پهريون استاد، جنهن مڪتب هلائڻ سان گڏ ان دور جي وڏن وڏن عالمن ۽ اسڪالرن سان نه صرف لڳ لاڳاپا رکيا، پر وقت به وقت اهي عالم هن ڳوٺ ۾ اچي تاريخي اداري جو معائنو به ڪندا هئا. انهن عالمن مان پاڪستان جو جيد عالم مولانا مفتي صاحبداد خان جمالي صاحب، پير غلام مجدد سرهندي صاحب، مولانا محمد عثمان قراني صاحب، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا عبد الخالق چانديو راوتسري، حافظ امام الدين چنو ٻلهياري، مولانا عبد الحق ساند، پوپال مان پڙهي آيل عبد الواحد ريگستاني، آخوند رکيو اوٺو، علامه رسول بخش چانديو دڙيلي وارو، مولانا عزيز ساند ولهيٺ، عبدالحڪيم ميمڻ ڇيلهه وارو ۽ مولانا محمد علي جوڻيجو عالم پلي جا نالا قابل ذڪر آهن.


تقريب ۾ ناري پَٽ مان آيل نامور اديب ۽ محقق لياقت جوڻيجي چيو ته مان سنڌ جي سرحدي ڪنڌيءَ تي آباد هن ڳوٺ جي علمي خدمتن جو اعتراف ڪريان ٿو، هي ادارو يقينن صدين جي علمي پورهئي جو تسلسل آهي. جوڻيجو صاحب چيو ته جيئن نيپيئر خواب ڏسندو هو ته، اهو ڏينهن ايندو، جڏهن سنڌوندي اتر الهندي جي اهڙي شاهراهه هوندي، جنهن ۾ ٻيڙين ۽ جهازن جا هشام هوندا، پر هو پنهنجي رٿائن ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو. هن وقت جيڪي مشڪل حالتن ۾ هي ادارا قائم ڪري هلائن پيا، انهن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي.

مانيٽرنگ شعبي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر، ڪراچيءَ مان پهتل غازي خان مهر جي هيءَ راءِ هئي ته تعليم کاتي جي وزير سيد سردار علي شاهه جي هن تاريخي قدم تي هي مارو ماڻهو خوش آهن، جو پنتي پيل علائقن جي ماڻهن کي سائينءَ هڪ درخواست سان اسڪول منظور ڪندي ان جو تاريخي علمي تشخص بحال ڪيو، جتي روايتي مذهبي تعليم سان گڏ غير مذهبي معاملن نج سائنسي ۽ روايتي سماجي مضمون وارو هي اسڪول ٻارڙن جي سکيا جو اهڙو مرڪز بڻبو جو هاڻي انهيءَ جي ترقيءَ لاءِ صديون نه کي سال لڳندا. هن يادگار تاريخي تقريب ۾ چيف مانيٽرنگ آفيسر ٿرپارڪر محمد ابراهيم ڪنڀر، علي دسائي ۽ فضل الرحيم سميت هن ناچيز به اداري جي مدارالمهام جي حيثيت سان کي گذارشون ۽ عرض معروضات پيش ڪيا. ايئن هي يادگار تقريب ڳوٺ جي عالم شفيع محمد صائم سڪندري صاحب جي هنن صدائن سان پڄاڻي تي پهتي :

واوڙي ڙي واوڙي، تو ۾ منهنجو ساهه ڙي
تنهنجا وڻ ۽ ٻوٽا، تنهنجو سرهو گاهه ڙي
تو ۾ سئو سالن کان لاڳيتو ئي وهندو ٿو رهي
علم جو، اخلاق جو، وحدانيت جو واهه ڙي. ■

## نظم

# لفظ ڪي پڙهندي لڳي ٿو ڪورُنو آ



شاهه محمد پيرزادو



پيين جي نِبَ
مان
مس جو ڦُوڙهو
ڪري ٿو
۽ پني تي دل
جو ڦُوڙهو ٿي
پوي ٿو.
لفظ ظاهر ٿي
پوي ٿو..
ياد ڪنهنجي،
درد ڪنهنجو،
ڪوئي رشتو،
ڪوئي سُڏڪو،
پيڙ دل ڪي
يا ذهن ڪي
حڪم هٿ
ڪي،
حڪم جي
تعميل ٿئي
ٿي..
لفظ تولڪجي
پني تي،
لفظ ڪي
پڙهندي لڳي
ٿو،
ڪورنو آ
ڪويو آ... ■

## غزل



خليل عارف سومرو

درد جي تصوير ڪا آهيون اسين
عشق جي آتم ڪٿا آهيون اسين

رنگ دنيا جي ۾ رنگجون ٿي نہ ٿا
ها زماني کان جدا آهيون اسين

سچ آهيون ڪوڙ سان پوندي نہ آ
تنهنڪري تنها سدا آهيون اسين

جيڪا موهن جي دڙي ۾ آ دفن
ورق تنهن تاريخ جا آهيون اسين

پيار جي معنىٰ پڙهي عارف ڏسو
معنيٰ ساري ۽ وفا آهيون اسين.

## نثري نظم

# هڪَ ڏيکَ جو ڏُک



دليپ ڪوٺاري

”اڙي مُئا هيڏانهن مر
توکي ٻاهر ڦيرا ڪڍڻ لاءِ تہ ڪونهي رکيو!“
بلڪل اهي ئي ڪروڌ پريا ۽ ڪئوڙا لفظ
ڪتب آڻيندي
هُن سڄيل سينياڻيءَ دروٺان
پنهنجي گهريلو ملازم ڇوڪري کي سڏيو هو
ڇوڪرو تہ ويچارو هڪدم ويو هيسجي
سو سِراڙي سان گهر ۾ وري ويو
پر مائيءَ جي سڏڻ واري اهڙي تهذيب ۽ شائستگي
مون کي گهاءَ جي گهاٽي ۾ پيڙڻ جهڙو ڪري ڇڏيو_
انهن ساعتن منهنجو هينئڙو لوڻ پروڻ ڪري ڇڏيو
حالانڪ اهڙا ڪيئي منظر
اڪثر ماڻهو روز پيا ڏسندا آهن
ڪير ڪنهن جو نوٽيس ناهي وٺندو
تہ ڪير ڪنهن کي ڪيئن ۽ ڇا ڪوٺي سڏي پيو
پر آئون ڳچ دير تائين
اُن ڏيک جي ڏُک کان پاڻ کي آجو ڪري نہ سگهيس
اصل ۾ ٻار جي وضع قطع مان
پوري ريت پڌرو ٿي رهيو هو تہ
هُو منهن انڌاري کان ننڊ مان اٿي
گهر جي ٻهاري پوچي ۽
ٿپا ٿول جا اڪثر ڪم ڪار نپٽائي
ڪُجهہ ٿهي ٺُڪي، وهنجي سهنجي
مالڪن جي ئي ٻار جو ڇڏيل ڪو پراڻو سُوٽ بُشرٽ پائي
دِل ۾ اٿيل حسرتن جي درياءَ کي
ڪجهہ ماٺو ڪرڻ ۽
ٻن چار گهڙين واسطي
پنهنجي وجائجي ويل
ٻالڪپڻي سان مُڪاميلي ٿيڻ لاءِ ئي
ٻاهر وِندرڻ وِرُونهڻ نڪتو هو
ان مهل منجهند جا نيڪ ڏيڍ ٿي رهيا هئا
اسڪولي ٻارَ ڪتابي ٿيلهن ساڻ
گهرن ڏي ڪِل ۽ خوشيءَ ۾
هڪٻئي سان مزاق مستيون ڪندي وري رهيا هئا
۽ هيءُ تصور ۾ پاڻ کي انهن پيڙو پَسي
بس ٽِرَجيتري تسڪين ماڻي رهيو هو
۽ حياتيءَ جي معصوم غم کي
سيٺياڻي جي پرايل ڇرڪ کان اڳ
ٻُڪ ڇاٽيءَ مان ڇاٽي رهيو هو
ڇڙٻ هن کي واپس هوش ۾ واريو هو
۽ سندس پارس جهڙن پلن کي
هڪ زنگيل سوچ ماريو هو
ها زنگيل سوچ ماريو هو! ■



# A Complete Unknown

# هڪ راڳيءَ جي جيون ڪهاڻيءَ تي ٺهيل فلم

جيمس منگولڊ جي فلم ”اي ڪمپليٽ اننون“ بوب ڊيلن جي شروعاتي ڪيريئر جو هڪ نئون ۽ گهرو جائزو پيش ڪري ٿي، جيڪو روايتي جنم کان لاڏاڻي واري انداز کان هٽيل آهي. هيءَ فلم 1960 واري ڏهاڪي ۾ ڊيلن جي شروعاتي سالن بابت آهي ۽ هنر، شهرت ۽ اثر رسوخ بابت ماهراڻي ايڊيٽنگ، سادي ڊائريڪشن ۽ ٽموٿي چاليٽ جي شاندار پرفارمنس کي بيان ڪري ٿي، خاص طور تي ڊيلن جي ڪردار ۾. منگولڊ ”گريٽيسٽ هٽس“ واري طريقي کان پاسو ڪيو آهي ۽ ڊيلن جي موسيقي کي ڪهاڻي ۾ شامل ڪيو آهي. فلم ۾ مڪمل پرفارمنسز شامل آهن بجاءِ انٽرننگ ڪلپس جي، جنهن سان گانن کي پنهنجو پيغام ڏيڻ جو موقعو ملي ٿو، جڏهن ته ڊيلن جي ڪم کي سماجي ۽ سياسي وقت جي باري ۾ نرم انداز ۾ جاءِ ڏني وئي آهي.

ڪهاڻي ڊيلن جي ملاقات سان شروع ٿئي ٿي، جڏهن هو پنهنجي آئيڊل ووڊي گٿري، (اسڪوٽ ميڪ نيري) کي اسپتال ۾ ملڻ ويندو آهي، جنهن سان پيٽ سيگر (ايڊورڊ نارٽن) پڻ موجود آهي. هيءَ اهم ملاقات ڊيلن جي هنر واري سفر جو شروعاتي نشان بنجي ٿي، جيڪو ان جي هيروز ۽ دور سان ترتيب ڏنل آهي. اهم تعلقات ڊيلن جي ترقي کي وڌيڪ واضح ڪن ٿا، جن ۾ سلوي روسو (ايلي فنيگ)، جيڪا سوز روٽوولو جو متبادل آهي، ۽ جوآن بيز (مونيڪا باربرو) شامل آهن، جن جا مختلف اندازا ۽ شهرتون ڊيلن جي سڃاڻپ کي چيلنج ڪن ٿا. فلم ڊيلن جي تڪراري فيصلي تائين پهچندي آهي، جڏهن هي 1965 ۾ نيوپورٽ فلڪ فيسٽيول ۾ اليڪٽرڪ گٽار کي استعمال ڪري ٿو، جيڪو هن جي انڪار جو اشارو آهي.



چاليٽ هڪ بدليل پرفارمنس پيش ڪري ٿو، ڊيلن جي خام تخليقيت کي جاندار نموني ۾ پيش ڪندي ۽ هن جي مشهوري گانن جي جذبن کي سڌي ريت پيش ڪري ٿو. سپورٽنگ ڪاسٽ، جنهن ۾ نارٽن، فنيگ ۽ باربرو شامل آهن، ڪهاڻي ۾ وڌيڪ اثر ۽ دلچسپي پيدا ڪئي آهي، خاص طور تي باربرو جي اداڪاري جو بيز ۽ ڊيلن جي پيچيده تعلق کي



وڌيڪ واضح ڪري ٿي. منگولڊ جو اسڪرپٽ، جيڪو جَي ڪاڪس سان گڏجي لکيو ويو آهي، ڏسندڙن کي موهي مندي ٿو.
مجموعي طور منگولڊ هڪ اهڙي بائيوپڪ ٺاهي آهي، جيڪا زنده ۽ اهم محسوس ٿئي ٿي، جيڪا ڊيلن جي موسيقي ۽ ثقافت تي دائمي اثرن کي اجاگر ڪري ٿي. ■